ماهوار

# سندزراعت

میگزین

Online آن لائن

# SINDH ZARA'AT

OCTOBER 2022



# جناب منظور حسين وساڻ، مشيرِ زراعت حڪومتِ سنڌ جون مصروفيتون







قاضي اعجاز احمد مهيسر سيڪريٽري زراعت سنڌ پنهنجي آفيس ۾ مس فلورنس رول زراعت ۽ خوراڪ جي
عالمي اداري (ايف اي او) جي پاڪستان ۾ مقرر نمائنده سان سنڌ ۾ موجوده
مينهن ۽ ٻوڏ جي زراعت تي پيل اثرن متعلق ڳالهائيندي





قاضي اعجاز احمد مهيسر سيڪريٽري زراعت سنڌ پنهنجي آفيس ۾
ورلڊ بينڪ جي ٽيم سان سنڌ ۾ موجوده مينهن ۽ ٻوڏ جي زراعت تي پيل اثرن ۽
آبادگارن کي ربيع جي فصلن لاءِ سهائتا ڪرڻ متعلق ڳالهائيندي



ربيع جي پوکيءَ لاءِ ٻج ۽ پاڻ جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ نجي شعبي، آبادگارن ۽ لاڳاپيل شعبن جي نمائندن جي ڪوٺايل گڏجاڻيءَ جي هدايت الله ڇڄڙو ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ صدارت ڪندي.





ربيع جي پوکيءَ لاءِ ٻج ۽ پاڻ سميت مفيد زرعي مشورا ڏيڻ لاءِ زرعي توسيع ۽ زرعي تحقيق سنڌ ڪوآرڊينيشن سيل جوڙڻ متعلق ڪوٺايل گڏجاڻيءَ ۾ هدايت الله ڇڄڙو ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ ۽ نور محمد بلوچ ڊائريڪٽر جنرل زرعي تحقيق سنڌ مشاورت ڪندي.





# Sindh Zara'at

ماهوار

# سنڌ زراعت

ميگزين

آڪٽوبر 2022 | شمارو: 10

## سٽاءُ



| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| .1 | ڪٽڻ جو فصل پوڏ ڪان پوءِ پهرين ترجيح | 07 |
| .2 | آڪٽوبر جي مهيني ۾ باغن جو زرعي ڪم ڪار | 09 |
| .3 | آڪٽوبر مهيني جا زرعي ڪم ڪار | 10 |
| .4 | ڪٽڻ پوکڻ لاءِ اڳوات تياري | 11 |
| .5 | سارياليءِ علائقي ۾ برساتي پوڏ ڪانپوءِ سورج مکي جي ڪامياب پوکيءَ جي حڪمت عملي | 13 |
| .6 | برسات ڪان بعد سرنهن ۽ توريي جي پوک | 14 |
| .7 | ربيع جون پاچيون | 15 |
| .8 | ٿرپارڪر ۾ فصلن جو زرعي ڪم ڪار | 18 |
| .9 | برسيم جي پوک | 19 |
| .10 | لوسڻ جي پوک | 20 |
| .11 | زراعت ۾ بوران جي اهميت | 21 |
| .12 | ساڱوان وڻ جي پوک | 22 |
| .13 | انسانن ۾ زنڪ جي کوٽ ۽ ان کي دور ڪرڻ جا طريقا | 23 |
| .14 | برسات ۽ پوڏ ڪانپوءِ ڪڇي ۽ ڪاڇي جي زراعت | 25 |
| .15 | جَوَن جي پوک | 28 |
| .16 | فصلن لاءِ نامياتي ڍڪ (ملچ) جي حڪمت عملي | 29 |
| .17 | سنڌ ۾ پيل چوماسي جي مينهن جي نقصان جو لڳايل ڪاٿو | 30 |




نگران اعليٰ
منظور حسين وسان
مشيرِ زراعت
حڪومتِ سنڌ

نگران
قاضي اعجاز احمد مهيسر
سيڪريٽري
زراعت، سپلاءِ ۽ پرائيسز سنڌ

چيف ايڊيٽر
هدايت الله ڇڄڙو
ڊائريڪٽر جنرل
زرعي توسيع سنڌ

ايڊيٽر
غلام مصطفيٰ نانگراج
ڊائريڪٽر انفارميشن
زرعي توسيع سنڌ

معاون
شمائله واحد بخش، امينا بلوچ ۽ عرفان سومرو

فوٽوگرافي
الطاف حسين اوڍو ۽ جابر لغاري

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ
علي انور لغاري

ٽائٽل ڊزائين
نزاڪت علي کوکر



ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات ۽ آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز، زرعي توسيع سنڌ
بلاڪ ايف، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد
فون: 022-9200108, 022-9201276، 03111646111



# ايڊيٽوريل

سنڌ ۾ چوماسي جا مينهن هر سال پوندا آهن، جن جو سراسري مقدار 109.5 ملي ميٽر رهيو آهي. پر هن سال جولاءِ کان وٺي آخر تائين 680.5 ملي ميٽر مينهن پيو آهي، جيڪو عام مروج سالياني مينهن جي مقابلي ۾ 522 سيڪڙو وڌيڪ هو. اهڙي طرح هن سال جو مينهن 1961ع کان وٺي هيل تائين جو سڀ کان وڏو مينهن رڪارڊ ٿيو آهي. هن کان پهرين هڪڙو ٻيو وڏو مينهن سال 1992ع جو هيو، جنهن ۾ 502.6 ملي ميٽر مينهن پيو هيو. جنهن کي سال 1961ع کان وٺي عام سالياني پوندڙ مينهن جي مقابلي ۾ 276 سيڪڙو وڌيڪ چيو ويو هو. هن سال سڀ کان وڌيڪ مينهن 1722 ملي ميٽر نوشهروفيروز ضلعي جي شهر پڊعيدن ۾ رڪارڊ ڪيو ويو آهي.

هنن انگن اکرن ۾ زراعت کاتي سنڌ پاران گڏ ڪيل انگن اکرن مطابق هن سال جي مينهن سڄي سنڌ جي انساني آباديءَ کي شديد متاثر ڪيو آهي، جنهن ۾ انساني ۽ جانورن جي رهائشن سان گڏ سندن روزگار جي وسيلن کي تمام وڏو نقصان رسيو آهي. اُنهن وسيلن مان زراعت سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي آهي. 30 سيپٽمبر 2022 تائين جي لڳايل ڪاٿي موجب سنڌ ۾ خريف جي 81.10 سيڪڙو فصلن جو **421,238.30** ملين **(421.238** بلين) روپين جو نقصان ٿيو آهي.

هن سڄي نقصان سان گڏ ربيع جي مند جي فصلن کي پوکڻ لاءِ مشڪلاتون درپيش آهن. هڪ طرف پاڻيءَ کي زمينن مان نيڪال ڪري مند مطابق پوکيءَ لائق بڻائڻ ۽ ٻئي طرف ٻج وغيره جو بندوبست ڪرڻ.

ان سلسلي ۾ حڪومت سنڌ پاران پاڻيءَ جي نيڪال ۽ ان سان گڏ آبادگارن کي ربيع جي پوکيءَ لاءِ ٻج ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ سان گڏ ٻيا بہ ضروري قدم کنيان پيا وڃن: سنڌ ڪابينا پاران ڪڻڪ جي امدادي قيمت 4000 رپيا في 40 ڪلوگرام مقرر ڪئي آهي، آبادگارن کي ربيع جي پوکيءَ لاءِ ٻج فراهم ڪرڻ تي ڪم هلي رهيو آهي، سنڌ حڪومت پاران سڄي سنڌ کي آفت زده قرار ڏنو ويو آهي.

آبادگار پائرو فصلن مان منافعي بخش پيداوار ڪڻڻ لاءِ مفيد زرعي مشورن جي هر وقت ضرورت هجي ٿي. ان سلسلي ۾ زراعت کاتي سنڌ پاران آبادگار هيلپ لائين 03111646111 پڻ هلائي پئي وڃي. جتي اوهين ماهرن سان آفيس جي وقت ۾ رابطو ڪري مشورا حاصل ڪري سگهو ٿا.

**ساٿ سلامت**

**غلام مصطفيٰ نانگراج**

**ڊائريڪٽر**

**زرعي اطلاعات، زرعي توسيع سنڌ**

**حيدرآباد**



Preparation of cultivation of Wheat crop

# ڪڻڪ جو فصل پوڌ کان پوءِ پهرين ترجيح

سعيد احمد تنيو، ڊپٽي ڊائريڪٽر، انچارج آءِ سي ٽي زرعي توسيع سروسز سب سينٽر لاڙڪاڻو

موسمياتي تبديلين جي سبب جي ڪري سنڌ ۾ تازو شديد برسات پئي آهي جنهن جي ڪري هن وقت تائين زمينن ۾ پاڻي بيٺل آهيَ ۽ ڪٿي وري زمين وٺ ۾ آئي آهي يا وري زمينون جتي ٿورو پاڻي يا گپ چڪ واري صورتحال آهي ۽ هن سال سنڌ گورنمنٽ جي طرفان آبادگارن لاءِ ڪڻڪ جي سپورٽ پروگرام تحت 4000 في مڻ مقرر ڪرڻ سان آبادگارن جي پهرين ترجيح ڪڻڪ جو فصل پوکڻ فائديمند فيصلو رهندو ڇو ته پاڪستان جي ڪڻڪ جي گهرج مطابق حدف 29774.8 هزار ٽن 2022 ۾ حاصل ڪرڻ مقرر ڪيو ويو آهي

ٻج ڇٽ ڪري ڪڻڪ جو فصل پوکي سگهن ٿا. سپ کان بهتر آهي ته مڪمل سڪل زمينن ۾ زمين کي هر ڏئي ليول ڪري ڪڻڪ جون آڳاٽيون جنسون ايس ڪي ڊي-1، ٽي ڊي-1، مومل2002، امداد، بينظير-13، حمل-13، سنڌو انمول-91، آبادگار-93، مهرآڻ - 89 ۽ آءِ وي-2، خرمن وغيره سموري سنڌ ۾ ڇٽ يا ناڙيءَ ذريعي 50 ڪلو في ايڪڙ يا هيپي سيڊر ذريعي آڪٽوبر جي مهيني جي آخري هفتي کان 15 نومبر تائين پوکي سگهجي ٿو ۽ پڇاٽي جنسن ٽي جي-83، ٽي ڊي-1، بينظير-13 کي ڊسمبر جي آخري هفتي تائين پوکي ڪري



ان لاءِ ضروري آهي ته ڪڻڪ جي فصل کي جيترو وقتائتو پوکبو في مڻ پيداوار به اوتري سٺي لهندي ۽ جيتن ۽ بيمارين جي زندگيءَ جي ڦيري ۾ بدلاءُ واري حڪمت عمليءَ کي هٿي ملندي جنهن سان به فصلن کي پهچندڙ نقصان کان بچاءُ ڪري زهرن کان بچي سگهجي ٿو. جن آبادگارن جون زمينون برساتي پاڻي گپ چڪ واري حالت ۾ آهن ته اهي آبادگار ڪڻڪ جو

سگهجي ٿي جنهن لاءِ ڪڻڪ جو ٻج 70 ڪلو سنڌ سيڊ ڪارپوريشن جون سفارش ڪيل جنسون پوکي سگهجن ٿيون. ۽ پنجاب سيڊ طرفان جاري ڪيل جنسون: سحر2006، شفق2006، انقلاب - 91، فيصل آباد 83,85، چڪوال-86، اڪبر2019، اجالا2016، ملت2011، ڌارابي-11، فتح جنگ-16، ميڪسي پاڪ، انڊس - 79 وغيره علائقي

پيداواري صلاحيت مطابق پوکي سگهجن ٿيون. وڌيڪ پنهنجي حد جي زرعي توسيع کاتي جي صلاح سان تيار ٿيل فصل جو زمين ۾ ڪرڻ جيتن ۽ بيمارين خلاف مدافعت رکندڙ جنسون پوکي وڌيڪ نفعو ڪمائي سگهن ٿا.

**بج جي تياري:** ڪڻڪ جي ٻج پوکڻ کان پهريان ٻج کي فنجيسائيڊ: ٽاپسن-ايم، بنليٽ،ويٽاويڪس ٻه گرام في ڪلو جي حساب سان محلول ناهي ٻج انهي ۾ وجهي پڇائي خشڪ ڪري پوکڻ سان بعد ۾ لڳندڙ بيماري ڦڪي رنگ جي سينور يا ٻيون بيمارين کان فصل کي پاڪ رکي سگهجي ٿو.

**ڪڻڪ جي فصل ۾ گند گاهه جو بندوبست:** ڪڻڪ جو فصل ٿوري پاڻي واري گپ چڪ يا بغير هر واري زمين ۾ ناڙيءَ وسيلي ڪاهڻ ۾ گندگاهه جو فصل سان پاڪين پائواري وڌي ويندي آهي مٿان وري پوڙ ۾ ٻڌل زمينن ۾ ته اڳ ئي ڦٽل آهن ان جي تدارڪ لاءِ سوڙهن پنن واري گندگاهه ۽ ويڪرن پنن واري گڏيل گندگاهه لاءِ ايفينٽي 800 گرام في ايڪڙ 120 لٽر پاڻيءَ ۾ ڦوهارو ڪجي. سوڙهن پنن واري گاهه لاءِ ٽاپڪ 100 گرام في ايڪڙ ۽ ويڪري پنن واري گاهه لاءِ بڪٽرل سپر 400 ملي لٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڏيڻ گهرجي.

**پاڻ جو استعمال:** ڪڻڪ جي پوکيءَ وقت ناڙي ۾ هڪ پوري DAP ۽ اڌ پوري يوريا 10 ڪلو پوٽاش ڏيڻ گهرجي. پوکي جي 21 ڏينهن تي فصل جڏهن ڪريا ناهڻ واري مرحلي ۾ داخل ٿيندو ته اڌ ٻوڙي يوريا في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي پندرهن ڏينهن جي وقفي سان اڌ پوري يوريا سان گڏ اڌ ڪلو في ايڪڙ بوران ملائي ڏئي سگهجي ٿو.

**جيتن ۽ بيمارين جو تدارڪ:** ڪڻڪ جي فصل جو لڳاتار معائنو ڪرڻ تمام ضروري آهي سياري جي فيبروري مهيني جي موسم ۾ ايفڊ جو حملو ٿيندو آهي جيڪو رس چوسيندڙ جيت آهي فصل جي رس چوسي فصل کي ڪمزور ڪري پيداوار جو وزن گهٽائي ٿو هن جيت جا بالغ ۽ ٻچا ٻئي پنن ۽ سنگن تي حملا آور ٿين ٿا. هن جيت جي ڪاڏي جي ڪري جسم مان هڪ مني پاٿيات نڪرندي آهي جنهن ڪري ڪاري رنگ جو سينور (sooty mould) فصل کي لڳي ويندو آهي جنهن سان پنن ۾ ڪاڏي تياري واري نظام ۾ رڪاوٽ پوندي آهي جنهن جو اثر پيداوار تي پوندو آهي. سست مهلي جي شديد حملي کان بچاءُ لاءِ زرعي زهر اميڊاڪلوپرڊ 250 ملي ليٽر 100 ليٽر پاڻيءَ ۾ ملائي في ايڪڙ ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. ساريالي علائقي ۾ ڪڻڪ ۾ ڏانڊي وارو جيت ٻه حملا آور ٿئي ٿو. هن جيت جي آباديءَ کي ضابطي لاءِ ٻج کي لمڊاسائهلوٿرين 3 ملي ليٽر ڦنجيسائيڊ جي محلول ۾ ملائي ڏيڻ سان ڪري سگهجي ٿو.

**بيماريون:** ڪڻڪ جي فصل ۾ سپ کان وڌيڪ نقصان واري بيماري پيلي پنن واري رتي (Yellow leaf rust) تصور ڪئي وڃي ٿي جيڪا هوا جي ذريعي هڪ ٻنيءَ کان ٻئي ٻنيءَ ۾ ٻيئل صحتمند فصل کي متاثر ڪري پيداوار کي گهٽائي ڇڏي ٿي ۽ ٻئي طرف ان بيماريءَ جا تخم زمين ۽ ٻج ۾ منتقل ٿي جنس کي ئي مستقل طور پوکيءَ لاءِ مشڪوڪ بڻائي ڇڏي ٿي جنهن جي روڪٿام لاءِ ٻج جي زهرپاشي ڪرڻ تمام ضروري آهي ۽ مدافعت واري جنسن جي وار ڦير ڪرڻ وقتائتو قدم آهي. هي بيماري ڪڻڪ ۾ سنگ نسرڻ کانپوءِ پنن تي پيلي رنگ جو سينور جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي جنهن جي شديد حملي جي صورت ۾ ڪڻڪ جي فصل ۾ گذرندي پيرن ۽ هٿن ۾ ڦڪو رنگ نظر ايندو آهي. پنن کي هٿ لڳائڻ سان ڦڪي رنگ جي ڪٽ لڳي ويندي آهي فصل جا پن جلد سڪي ويندا آهن جنهن ڪري داڻي جي مڪمل پرائي نه ٿي سگهندي آهي ۽ اَن جو وزن هلڪو ٿي ويندو آهي ۽ مڻ ڪٽيءَ جو اوتارو گهٽ لهڻ جو ڪارڻ ٿي پوي ٿو.

**پنن تي ڳاڙهن داغن واري بيماري:** سياري ۾ گهٽي ٿڌ ۽ گهم ۾ هن بيماريءَ جو حملو ڪڻڪ جي فصل ۾ نظر ايندو آهي جنهن ۾ ڪڻڪ جي ٻوٽي جي پنن تي ڳاڙهن ٽبڪن جا نشان ٿي پوندا آهن ٻوٽي جي واڌ ويجهه متاثر ٿي رڪجي ويندي آهي.

هڪ ٻئي بيماري جنهن جي حملي ۾ ڪڻڪ جي فصل جي سنگ ۾ داڻا ڪاري رنگ جي پائوڊر سان ڀريل نظر ايندا آهن ان بيماريءَ کي (Loose Smut of wheat) چٽبو آهي. جنهن ڪري پيداوار تي ناڪاري اثر پوندو آهي ۽ مارڪيٽ ۾ اگهه ٻه گهٽ ملندو آهي. ان جو علاج ٻج ۾ زهر پاشي ڪرڻ ۽ ڪاپر آڪسيڪلورائيڊ (coperoxyclride) ايگزواسٽاربن (Azoxystorbin) ٽيبوڪونازول (Tebuconazol) 400 گرام في 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڪڻڪ جي فصل ۾ ڳپ واري مرحلي ۾ ڦوهارو ڪرڻ سان ضابطو ڪري سگهجي ٿو.

# Orchard Management in the month of october

# آڪٽوبر جي مهيني ۾ باغن جو زرعي ڪم ڪار

محمد علي خاصخيلي، ڊپٽي ڊائريڪٽر زرعي توسيع سانگهڙ

آڪٽوبر جي مهيني ۾ ڏينهن جو گرمي پد 37 ڊگري سينٽي گريڊ ۽ رات جو گرمي پد 25 ڊگري سينٽي گريڊ آهي. گرمي پد سڄي آڪٽوبر مهيني ۾ هن پيري ٻه ٿوري فرق سان ساڳيو ئي رهندو. ان لاءِ باغات جي سار سنڀال لاءِ هيٺيان قدم کڻڻ گهرجن:

**1. آبپاشي:** باغ کي غير ضروري پاڻي نه ڏيو. زمين ۾ وَتَ نه هجڻ جي صورت ۾ پاڻي لڳايو.

باغ کي ضرورت آهر 20 نومبر تائين پاڻي ڏيو پوءِ پاڻي بند ڪريو ۽ صرف ڊسمبر، جنوري ۾ پاري کان بچاءَ خاطر پاڻي ڏيڻ جو بندوبست ڪريو.

**2. جيتن ۽ بيمارين جي روڪٿام:** هن وقت مسلسل برساتن ۽ گرمي پد ۾ تبديليءَ کان پوءِ نين شاخن تي مختلف جيتن ۽ بيمارين جو حملو ٿيو آهي. جنهن ڪري پيداوار متاثر ٿي سگهي ٿي. ان ڪري فوري طور تي مناسب ڦوهاري سان تدارڪ ڪريو. آڪٽوبر جي مهيني ۾ باغبان ۽ نيڪيدارن کي گهرجي ته هو ٻوٽن جي واڌ ويجهه کي روڪڻ وارن هارمون جهڙوڪ, Paclobutazol جو غير ضروري استعمال نه ڪن.

**3. سوڪ جي چانگهه:** هن مهيني ۾ هر قسم جي سوڪ جي چانگهه مڪمل ڪريو. غير ضروري ۽ گهاٽي چانگهه کان پاسو ڪريو. رڳو سڪل شاخن جي ڪٽائي ڪجي جيڪي زمين تي ڪريل هجن.

- ڪٽائي کان پوءِ ڪاپر واري فنجيسائيڊ ڦوهارو ڪجي.
- هن وقت مائڪرو نيوٽرينٽ وارا غذائي پاڻ ڏيڻ گهرجن.
- ٻوڏ وارن علائقن جي باغن مان پاڻي ڪڍڻ بعد هر ڏٿي ٻني کي ڪليل ڇڏي ڏيو ته جيئن آڪسيجن پاڙن تائين پهچي. پيهر پاڻي ڏيڻ کان اڳ, 500 گرام سلفر بينٽونائيٽ ۽ 300 گرام مائيڪرو نيوٽرينٽس جو مرڪب في وڻ لڳايو ته جيئن پاڙن کي فنگس کان بچايو وڃي.
- بهترين پيداوار لاءِ آڪٽوبر جي آخري هفتي ۾ 1% پوٽاشيم نائٽريٽ + الفا NAA اسپري ڪريو. ان اسپري سان نيون شاخون مضبوط ٿينديون ۽ ميوو ڏيڻ جي قابل ٿي وينديون جنهن سان پيداوار ۾ واڌارو ٿيندو.
- نئون باغ پوکڻ جو بهترين وقت آهي. ٻوٽن جي چونڊ ڪرڻ وقت ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته ٻوٽو مناسب قد جو هجي ۽ بيمارين کان پاڪ هجي. هميشه سٺي نرسري مان ٻوٽا وٺو.



- نئين انبن وارو نظام (STS)پوکڻ لاءِ هميشه قلم ٿيل ٻوٽو چونڊيو. ديسي ٻوٽا پوکي وقت ضايع نه ڪريو. ۽ مستقبل ۾ پنهنجي نرسري ۾ ٻوٽا تيار ڪرڻ تي ڌيان ڏيو.
- نون باغن ۽ STS ۾ اهڙو فصل پوکيو جيڪو انب جي قد کان وڌو نه هجي.
- جيتن ۽ بيمارين کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ مناسب زهرن جو نرسري تي اسپري ڪريو.
- نرسري جي ٻوٽن کي وڌيڪ پاڻي نه ڏيو. قلم ڪرڻ جو وقت لڳ ڀڳ ختم ٿي چڪو آهي. تنهن ڪري فيبروري مارچ جو انتظار ڪريو.

Slogans / messages for the month of october

# آڪٽوبر مهيني جا زرعي ڪم ڪار

تحرير: زرعي تحقيق سنڌ ٽنڊوڄام



**ڪڻڪ:** ڪڻڪ جي پوک مختلف طريقن سان ڪجي ٿي. انهي لاءِ پهرين ڪڻڪ جو سفارش ڪيل ٻج حاصل ڪجي. سفارش ڪيل جنسن ۾ ٽي ڊي-ون، ٽي جي-83، مهراڻ، انمول، آبادگار، مومل، سڪرنڊ، امداد، بينظير ۽ سنڌو وغيره. جن آبادگارن وٽ پنهنجو ٻج رکيل آهي ته اهي وقت سر کهڙي به طريقي سان ڪڻڪ جي پوکي ڪري سگهن ٿا. پر اهو هر علائقي تي منحصر آهي ته ڪٿي برسات جو پاڻي نڪري چڪو آهي ۽ ڪٿي نڪرڻ واري مرحلي ۾ آهي. ڪڻڪ جي پوکي پهرين نومبر کان پندرنهن ڊسمبر تائين ڪري سگهجي ٿي. آبادگار گپ ڇٽ واري طريقي سان 55 ڪلوگرام، ناڙي واري طريقي سان 50 ڪلوگرام ۽ ڪرين واري طريقي سان 60 ڪلوگرام ٻج في ايڪڙ استعمال ڪجي. جڏهن ته ڪيميائي ڀاڻ زمين جي تياري وقت هڪ ٻوري يوريا، هڪ ٻوري ڊي اي پي ۽ هڪ ٻوري پوٽاش استعمال ڪجي ۽ باقي رهيل يوريا جي هڪ هڪ ٻوري ٻئي ۽ ٽئين پاڻي تي ڏجي.

**تيلي ٻج:** تيلي ٻجن ۾ سرنهن، توريو ۽ جانبي کي زمين جي حالتن موجب پوکي سگهجي ٿو. هنن فصلن لاءِ ٻج ٻه ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪجي. تيلي ٻجن کي اتر سنڌ ۾ 15 آڪٽوبر تائين ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ 15 آڪٽوبر کان 15 نومبر تائين پوکجي. پوکي وقت ٻه ٻوريون نائٽروفاس ۽ پهرين پاڻي تي هڪ ٻوري يوريا ڏجي. اهي فصل گهٽ پاڻي تي ئي پچي وڃن ٿا. لاڙ جا آبادگار پنهنجن علائقن ۾ سورج مکي جي پوک ڪري سگهن ٿا، ان لاءِ في ايڪڙ ٻه تي ڪان چار ڪلوگرام استعمال ڪجي. يوريا ٻه ٻوريون پوکي وقت ۽ هڪ ٻوري پهرين پاڻي تي استعمال ڪجي.

**دالون:** دالين جي پوک لاءِ 15 آڪٽوبر کان 30 نومبر تائين وقت موجود آهي. انهن دالين ۾ مسور، چڻا ۽ مٽرن کي پوکيو وڃي ٿو. مسور لاءِ ٻج 10 کان 15 ڪلوگرام، چڻن لاءِ 40 کان 50 ڪلوگرام ۽ مٽرن لاءِ 10 کان 15 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. پر آبادگار مٽرن کي گاهه لاءِ به پوکين ٿا ان لاءِ ٻج 35 ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪجي. انهن سڀني دالين کي پوکي وقت اڌ ٻوري يوريا ۽ هڪ ٻوري ڊي اي پي في ايڪڙ زمين جي تياري وقت ڏجي. داليون ٻه گهٽ پاڻي تي ٿيو وڃن. درياهه جي ڪچي وارن علائقن ۾ زمين اندر وٽ وڌيڪ هوندي آهي پر دالين کي ٽي کان چار پاڻي ڏيڻ جي گهرج پوي ٿي.

**گاهه چارو:** ربيع جي موسم ۾ گاهن لاءِ برسيم ۽ لوسڻ کي 15 آڪٽوبر کان پوکيو وڃي ۽ جَوَ کي آڪٽوبر کان نومبر ۾ پوکجي ٿو. برسيم ۽ لوسڻ لاءِ في ايڪڙ ٻج 10 کان 12 ڪلوگرام جڏهن ته جَوَ لاءِ 30 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. برسيم ۽ لوسڻ جي لاءِ ڪيميائي ڀاڻ هر لوپ کان پوءِ اڌي ٻوري يوريا ڏجي. جڏهن ته جَوَ لاءِ زمين جي تياري وقت اڌ ٻوري يوريا ۽ هڪ ٻوري ڊي اي پي پوکي وقت ۽ اڌ ٻوري يوريا ٻئي پاڻي تي ڏجي. برسيم ۽ لوسڻ کي پاڻي گهرج موجب ڏجي، جڏهن ته جَوَ کي ٽي کان چار پاڻيءَ جي گهرج پوي ٿي.

**دوائن وارا فصل:** دوائن وارن فصلن ۾ ڪلونجي لاءِ پوکي جو وقت آڪٽوبر، سونف لاءِ آڪٽوبر کان نومبر ۽ اسپنگر کي نومبر کان ڊسمبر تائين پوکي سگهجي ٿو. اسپنگر لاءِ ٻج جو مقدار اڍائي کان ٽي ڪلوگرام في ايڪڙ ڪلونجي لاءِ ٽي کان چار ڪلوگرام في ايڪڙ ۽ سونف جي پوک لاءِ پنج کان ڇهه ڪلوگرام في ايڪڙ گهرج پوي ٿي. اسپنگر ۽ سونف لاءِ اڌ ٻوري يوريا زمين جي تياري وقت ۽ اڌ ٻوري ٻئي پاڻي تي ڏجي. جڏهن ته ڪلونجي لاءِ هڪ ٻوري يوريا ۽ ٻه ٻوريون ايس ايس پي پوکي وقت ڏجن. سونف جي پوک ٽي کان چار فٽ ويڪرين پٽڙين تي هڪ کان ڏيڍ فوٽ جي فاصلي تي چنگيون لڳايون وڃن. جڏهن ته اسپنگر ۽ ڪلونجي کي ڪرين تي پوکيو وڃي.

**ربيع جون ڀاڄيون:** ربيع جي ڀاڄين جي پوک آڪٽوبر کان ڪجي، انهن ڀاڄين ۾ ٽماٽو گل گوبي ۽ بند گوبي وارين ڀاڄين جي پهرين نرسري تيار ڪجي ٿي، جيڪا هڪ مهيني ۾ تيار ٿيو وڃي ۽ پوءِ تيار ٿيل زمين ۾ ڪرين تي رونبو ڪجي ٿو. ٿوم جي پوک ڪرين يا سنوت آنڊل ٻارين ۾ ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته موري، گجر، گوگڙو ۽ پيز کي ڪرين تي پوکجي. پالڪ، ڏاٽا ۽ ميٿي کي ٻارين ۾ ڪرين ٻنهي طريقن سان پوکجي ٿو. انهن ذڪر ڪيل ڀاڄين جي پوک لاءِ هڪ ٻوري ڊي اي پي، هڪ ٻوري پوٽاش ۽ هڪ ٻوري يوريا زمين جي تياري وقت ڏجي. ان ڪانسواءِ هڪ ٻوري يوريا پهرين گُڏ ڪانپوءِ ۽ ٻئي ٻوري يوريا گل نڪرڻ وقت ۽ ٽئين ٻوري يوريا ڀاڙ نڪرڻ يا ميوي جهلڻ وقت ڏجي. جڏهن ته آڪٽوبر ۾ سائي بصر جي پوک پڻ ڪري سگهجي ٿي. ربيع وارين ڀاڄين لاءِ في ايڪڙ ٻج جو مقدار ڪجهه هن طرح سان آهي ته، بصر لاءِ ٻج ٻه کان اڍائي ڪلوگرام، ٿوم جي ڪرين تي پوک لاءِ 240 ڪلوگرام ۽ سنوت آنڊل ٻارين لاءِ 320 ڪلوگرام في ايڪڙ گنڍيين جو استعمال ڪجي.

گل گوبي ۽ بندگوبي لاءِ اڌ ڪلوگرام، ٽماٽي لاءِ ٻه سؤ کان ٽي سو گرام، پيز لاءِ 15 کان 20 ڪلوگرام، موري لاءِ 3 کان 4 ڪلوگرام، گوگڙو لاءِ هڪ کان ڏيڍ ڪلوگرام، جڏهن ته پالڪ، ڏاٽا ۽ ميٿي لاءِ 8 کان 10 ڪلوگرام في ايڪڙ گهرج پوي ٿي. سمورين هائبرڊ ڀاڄين جي ٻج جو مقدار ديسي ڀاڄين جي ڀيٽ ۾ گهٽو گهٽ آهي، پر اهو ٻج مارڪيٽ مان گهٽو مهانگو ملي ٿو.

Early Cultivation of Wheat crop

# ڪڻڪ پوکڻ لاءِ اڳوات تياري

ظفر علي کوکر، پرنسيپل سائنٽسٽ، ڪڻڪ جو تحقيقاتي مرڪز، سڪرنڊ

ڪڻڪ جو اناج انساني خوراڪ، صحت ۽ واڌ ويجهه لاءِ تمام وڏي اهميت رکي ٿو. ڇاڪاڻ ته انساني صحت ۽ واڌويجهه لاءِ ڀرپور خوراڪي عنصر ڪڻڪ ۾ موجود آهن. ان ڪري اسان کي ڪڻڪ جي اهميت کي نظر ۾ رکندي فصلن جي بهتر سارسنڀال ۽ في ايڪڙ گهڻي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ وقتائتا



قدم کڻڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. زرعي ماهرن وقت بوقت کوجنا ڪري موجوده موسمي حالتن کي نظر ۾ رکي ڪڻڪ جون نيون جنسون ايجاد ڪيون آهن جيڪي موجوده موسمي حالتن ۽ بيمارين وغيره کي منهن ڏيڻ جي وڏي سگهه رکن ٿيون گڏوگڏ انهن جنسن ۾ وڌيڪ پيداوار ڏيڻ جي صلاحيت به موجود آهي. پر اهو سڀ ڪجهه ممڪن تڏهن ٿيندو جڏهن اهي جنسون پوکڻ لاءِ زرعي ماهرن جي مشورن تي عمل ڪبو ته يقينن بهتر پيداوار حاصل ٿيندي. هونئن به جڏهن ڪو ڪم ڪار وقتائتو ۽ رٿابنديءَ سان ڪبو ته ان جا سٺا نتيجا نڪرندا. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته سٺا زميندار به ڪڻڪ پوکڻ ۾ لاپرواهي ڪندا آهن ۽ پنهنجي فصل مان سٺي پيداوار حاصل ڪري نه سگهندا آهن.

قدرت فصل مان سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ لاتعداد نعمتون عطا ڪيون آهن انهن مان صحيح فائدو وٺڻ ۽ رٿابندي سان ڪم ڪرڻ اسان جي ذميداري آهي. ڪڻڪ جي فصل پوکڻ کان لاباري تائين جيڪي ڀرپور عمل ۽ ڪم ڪاريون آهن جهڙوڪ: زمين جي تياري، ٻج ۽ ڪيميائي ڀاڻ جي وقت سر دستيابي ۽ گاهه مار دوائون وغيره جي اڳوات بندوبست ڪرڻ سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي. ان کان علاوه پوکيءَ لاءِ طئي ڪيل ايراضي جو ضروري خرچ پکي جو اڳوات بندوبست ڪرڻ به لازمي آهي. ان ڪري آبادگارن کي صلاح ڏي ڏجي ته ڪڻڪ جي وقتائتي پوک لاءِ هيٺ ڏنل ڪم ڪارين جو اڳوات بندوبست ڪن ته جيئن ڪڻڪ مان ڪين سٺي پيداوار حاصل ٿئي.

**زمين جي اڳوات تياري:** ڪڻڪ پوکڻ لاءِ خالي پيل زمين جي اڳوات تياري ڪجي. زمين کي سُڪي جا اونها هر ڏيئي



اٿلائجي ته جيئن اُس وٺي، جيت ۽ بيماريون وغيره ختم ٿي وڃن. سانوڻي جي برسات کانپوءِ زمين کي هڪدم هر ڏجن ته جيئن زمين ڍيپل نه رهي، هوا ۽ اُس وٺندي رهي. اهڙي طرح زمين مان غير ضروري گندگاهه، بيماريون ۽ جيت وغيره ختم ٿي ويندا ۽ زمين به طاقتور ٿي پوندي. اسان جي زمينن ۾ اڪثر ڪري ناميآتي مادي جي کوٽ آهي ان جي پورائي لاءِ وٿاڻ جو ڀاڻ وجهي هرن ذريعي زمين ۾ ملائجي ٻي صورت ۾ سائي ڀاڻ وارا فصل جهڙوڪ: جنتر ۽ گوار وغيره پوکي تيار ڪري گوبل ۽ روٽاويٽر هر ذريعي زمين ۾ ملائي ڇڏجي ته جيئن زمين جي صحت سٺي ٿئي ۽ زرخيزي به بحال رهي. ان کان پوءِ زمين کي هر ڏيئي ليزر ذريعي سٺي ليول ڪجي. خالي پيل زمين اڳواٽ تيار ڪرڻ سان زمين به سٺي نهندي ۽ ٽريڪٽر لاءِ ڊيزل جو هر مهيني وڌندڙ ريٽ واري خرچ جو به بچاءُ ٿيندو. ووڻٽڻ واري زمين جيئن ئي خالي ٿئي ته خوب هر ڏئي تيار ڪري ونجي. ووڻٽڻ جون جلد تيار ٿيڻ واريون جنسون پوکڻ سان زمين آڪٽوبر جي پهرين هفتي ۾ خالي ٿي وڃي ٿي. ان زمين کي خوب اونها هر ڏيئي گندگاهه ختم ڪري ليزر ذريعي ليول ڪري ڪڻڪ جي پوکي لاءِ تيار ڪجي.

## ٻج جو اڳواٽ بندوبست ڪرڻ:

ڪڻڪ مان سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ تصديق ٿيل نج ٻج جو هجڻ تمام ضروري آهي. تصديق ٿيل نج ٻج ڪنهن سرڪاري اداري، سٺي زميندار يا وري پنهنجي فصل مان رکيل ڪنهن سٺي جنس جو ٻج پوکيءَ لاءِ ڪم آڻجي. ڪڻڪ جي مند اچڻ تي تڙ تڪڙ ۾ بازار مان ٻج وٺي پوکبو ته اهو سٺو نه هوندو بازار مان ورتل ٻج سٺو ٻج ڪونه هوندو پر اها ڪڻڪ ٿي هوندي جيڪا پوکڻ کان پوءِ مختلف جنسون ۽ گندگاهه ڦٽي نڪرندا. ان ڪري ڪڻڪ پوکڻ کان اڳواٽ تصديق ٿيل سٺي ٻج جو بندوبست ڪرڻ گهرجي ته جيئن پوءِ غير معياري ۽ مهانگو ٻج پلئه نه پوي.

## ڪيميائي ڀاڻ جو بندوبست ڪرڻ:

ڪڻڪ جي فصل لاءِ گهربل ڪيميائي ڀاڻ جو اڳواٽ بندوبست ڪرڻ گهرجي. بهتر اهو ٿيندو ته زمين جي اڳواٽ چڪاس ڪرائي ان مطابق ڀاڻ جو بندوبست ڪري رکجي ڪڻڪ پوکڻ کانپوءِ ڀاڻن جا اگهه روز بروز وڌندا ويندا آهن ڪارخانيدار ۽ واپارين جي ملي ڀڳت ڪري ۽ اگهن تي ضابطو نه هجڻ ڪري زميندارن کي اضافي خرچ پرڻا پوندا آهن. ان ڪري ڪيميائي ڀاڻ جو اڳواٽ بندوبست ڪجي ته جيئن ڪڻڪ پوکڻ وقت پريشاني نه ٿئي. اهڙيءَ طرح ڪڻڪ پوکڻ لاءِ ايراضي طئي ڪرڻ، پاڻي جو بندوبست ۽ ڪڻڪ پوکڻ لاءِ زمين جي تياري کان فصل جي لاباري تائين ضروري خرچ پکي جو رٿابندي سان اڳواٽ بندوبست ڪرڻ گهرجي.

### ڪڻڪ جا آبادگار اوهان لاءِ خاص پيغام

ڪڻڪ جي ڏکڻ سنڌ ۾ آڳاٽي پوکي 15آڪٽوبر کان 15نومبر تائين ڪرڻ جي سفارش ڪجي ٿي. جڏهن ته اتر سنڌ جا آبادگار ڪڻڪ جي آڳاٽي پوکي 20 آڪٽوبر کان 20 نومبر تائين ڪرِي سگهن ٿا، اهڙيِ طرح وچولي مند جي پوکي ڏکڻ سنڌ ۾ 10 نومبر کان15 ڊسمبر تائين ۽ اتر سنڌ ۾ پوکي 10 نومبر کان 31 ڊسمبر تائين ڪجي، جڏهن ته پاڇاتي پوکي ڏکڻ سنڌ ۾ 21 نومبر کان 31 ڊسمبر تائين ۽ اتر سنڌ ۾ 1 ڊسمبر کان 31 ڊسمبر تائين ڪجي.

پوکيءَ لاء ٽي ڊِي ـ1 سميت سنڌ لاء سفارش ڪيل جنسن کي اهميت ڏيڻ گهرجي جڏهن ته پاڇاتي پوکيءَ لاء ٽنڊوڄام 83 جو ٻج هٿڪرِي پوکڻ گهرجي.

وڌيڪ معلومات ۽ مشورن لاء آبادگار هيلپ لائين 03111646111 تي آفيس جي وقت ۾ رابطو ڪريو

پاران

آءِسي ٽي زرعي توسيعي ۽ زرعي تحقيقي ڪوآرڊينيشن سيل
ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات ، آءِسي ٽي زرعي توسيعي مرڪز
ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومت سنڌ

Directorate Information & ICT
Agricultural Extension Services Center, Directorate
General AgricultureExtension Sindh Hyderabad

# Cultivation of Sunflower in Rice belt after rain

# ساريالي علائقي ۾ برساتي ٻوڏ کانپوءِ سورج مکي جي ڪامياب پوکيءَ جي حڪمت عملي

اسد سولنگي، ڊپٽي ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ زرعي توسيع، لاڪاڻو ڊويزن



سنڌ ۾ سال 2010ع واري مها ٻوڏ کانپوءِ اتر سنڌ جي ساريالي فصل کانپوءِ سورج مکي جي ربيع جي ٻين فصلن جي متبادل طور ڪامياب پوک ڪئي ويئي ۽ آبادگارن جهجهو ناڻو ڪمايو.

ساڳي طرح تازين غير معمولي برساتن ۾ ٻڏي ويل ساريالي زمينن ۾ پاڻي جي مڪمل نيڪاسي کانپوءِ سورج مکي جو فصل جيڪو 90-100 ڏينهن جي ٿوري عرصي اندر پچي راس ٿئي ٿو هن فصل جي پوکي ڪري بهتر آمدني حاصل ڪري سگهجي ٿي انهي لاءِ هيٺ ڏنل سفارشن تي عمل ڪري سورج مکي جي فصل مان سٺي پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي

**سورج مکي جي فصل لاءِ زمين جي چونڊ:** هي فصل سيم کلر ۽ واريـاسي زمينن کانسواءِ هر قسم جي زمين ۽ مٿاهين زمينن ۾ پوکي سگهجي ٿو.

**پوکيءَ جو وقت:** ڏکڻ سنڌ ۾ آگسٽ ۽ سيپٽمبر جڏهن ته اتر سنڌ ۾ سارين جي آڳاٽي لاباري يعني 20 آڪٽوبر کان 15 نومبر تائين پوکي سگهجي ٿو.

**سفارش ڪيل جنسون ۽ في ايڪڙ ٻج جو مقدار:** ديسي جنس HO-1 3 اڍائي ڪلوگرام ناڙي رستي جڏهن ته ڇٽ ڪيڙ لاءِ ساڍا ٽي ڪلوگرام جڏهن ته هائبرڊ جنسن لاءِ ناڙي پوک لاء ڏيڍ ڪلوگرام جڏهن ته ڇٽ ڪيڙ لاءِ ٻه ڪلوگرام ٻج گهربل هوندو آهي.

ديسي جنس ڍڪ ايڪڙن کان وڌيڪ اراضي تي پوکڻ نه گهرجي.

**زمين جي تياري:** ساريالي فصل جي لاباري کانپوءِ يا برساتي پاڻي جي مڪمل نيڪالي کانپوءِ جيئن ئي زمين وٽ ۾ اچي ته زمين ۾ ٻه هر لهوارا ۽ مٿارا ڏيئي پانيو گهمائي اڌ اڌ جريب جا ٻارا ناهي هر ٻاري کي آبپاشي جو علحده بندوبست ڪجي.

**ٻج جي پوکائي:** دوباري يا برسات جي پاڻي جي مڪمل نيڪاس کانپوءِ سورج مکي جي پوکائي هميشه ناڙي رستي ڪرڻ گهرجي جنهن لاءِ في ايڪڙ 25000 ٻوٽن جو تعداد حاصل ڪرڻ لاء قطار کان قطار جو مفاصلو اڍائي فوٽ هجڻ گهرجي. ٻج هميشه ٻه انچ اونهائي تي ڏيڻ گهرجي. ساريالي فصل جي زمينن جتي زمين ۾ گپ چڪ جي حالت ۾ ٻج کي ڇهه ڪلاڪ پاڻي ۾ پسائي پوءِ ڇٽ ڪرڻ گهرجي ان سان ڦوهڙو سٺو ٿيندو ٻج ڦٽڻ کان ٻن هفتن بعد ٻوٽن جي ڇداڻي ڪري ٻوٽي کان ٻوٽي جي وچ ۾ 9 انچ مفاصلو رکجي.

**ڪيميائي ڀاڻ جو استعمال:** ساريالي زمينن ۾ دوباري فصل يا برسات کانپوءِ پوکيل فصل کي 30 ڪلوگرام نائٽروجن ۽ 20 ڪلوگرام فاسفورس جي گهرج هوندي آهي انهي لاءِ بهتر پوکيل فصل کي ٻه ٻورين نائٽروفاس ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکي وقت ڏيڻ گهرجي يا سوا ٻوري ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکي وقت ئي ڏيڻ گهرجي جڏهن ته موڪي فصل کي سمورو فاسفورس ڀاڻ پوکي وقت ۽ نائٽروجن ڀاڻ يوريا پهرين پاڻي تي ڏيڻ گهرجي.

**گندگاهه تي ضابطو:** گندگاهه نه فقط سورج مکي جي پيداوار گهٽائين ٿا پر جيتن ۽ بيمارين کي پڻ دعوت ڏين ٿا جنهن سان هن فصل جي 10 کان 15 سيڪڙو گهٽ پيداوار لهي ٿي سورج مکي ۾ اڪثر ڪري ڪٻهه، سنجهه، ناڙو جهنگلي پالڪ ۽ جهل وغيره عام ٿين ٿا.

هنن گاهن کي بيٺل فصل مان ختم ڪرڻ لاءِ هٿن سان گڏ ۽ ڏڙ ڪرڻ سان نه فقط گندگاهه ختم ٿيندا پر فصل ۾ مضبوطي پڻ ايندي ۽ فصل ڪِرڻ کان بچندو يا پوکي کان پهريان هر هٽي سٺي طرح زمين تيار ڪرڻ گهرجي جنهن سان گندگاهن تي ضابطو ڪري سگهجي ٿو انهي کان علاوه پوکڻ کان پهريان گاهه مار دوا جو استعمال ڪرڻ سان پڻ گند گاهن کي ختم ڪري سگهجي ٿو جنهن ۾ ستامپ 330 اي دوا جو سورج مکي جي فصل ۾ گندگاهن جي خاتمي ۾ اثرائتو ضابطو ڏنو ويو آهي.

**سورج مکي کي پاڻي جي گهرج:** سورج مکي جي فصل کي چئن پاڻين جي گهرج هوندي آهي جنهن ۾ پهريون پاڻي پوکي جي 21 ڏينهن بعد ٻيو پاڻي پوکي جي 35 ڏينهن بعد ٽيون پاڻي فصل کي گل اچڻ وقت ۽ چوٿون پاڻي فصل جي داڻي جي ڪير ڏڙ وقت ڏيڻ گهرجي، جڏهن ته ساريالي علائقي جي زمين جي حالت مطابق ۽ آبپاشي جي موجودگي مطابق ڏيڻ گهرجي پاڻي نه هجڻ جي صورت ۾ فصل ۾ گل نڪرڻ وقت لازمي پاڻي ڏيڻ گهرجي.

**جهار:** سورج مکي جي فصل ۾ گل نڪرڻ وقت طوطا هن فصل کي نقصان پهچائين ٿا انهي لاء فصل پچڻ تائين روزاني بنياد تي جهار هڪلڻ گهرجي.

**لاباروءِ گاهه:** جڏهن سورج مکي جا گل هلڪي پيلاڻ مائل رنگ جا ٿي وڃن ته لابارو شروع ڪجي ۽ گلن کي ديري تي اس ۾ سڪائجي ۽ انهن کي روزاني اٿلائجي پٿلائجي جيئن مڪمل سڪي وڃن ۽ سينور کان بچائجي صفا سڪل گلن کي سورج مکي واري ٿريشر ذريعي يا جيڪڏهن ول ٿوري آهي ته لٺين سان ڇٽ ڪٽ ڪري ٻج گلن مان ڌار ڪري سگهجي ٿو.

**پيداوار:** سورج مکي جي سهي سار سنڀال ڪرڻ سان 25 کان 30 مڻ في ايڪڙ حاصل ڪري سگهجي ٿو

وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي حد جي زرعي توسيعي نمائندي سان رابطو ڪندا.

Cultivation of Mustard & Torio after rain

# برسات کان پوءِ سرنهن ۽ توريي جي پوک

رضا محمد ٻرڙو، ايگريڪلچر آفيسر، ڊائريڪٽوريٽ زرعي توسيع لاڙڪاڻو ڊويزن

سنڌ ۾ تازين برساتن سنڌ جي زراعت جا راڳا لاهي ڇڏيا آهن. کافي زمينن ۾ اجا تائين پاڻي ناهي سکو ۽ ڪٿي ته وري پاڻي پنجن کا اٺ فٽ بيٺل آهي. هاڻي جڏهن صورتحال اها آهي ته جتي زمينن ۾ ٿوري گپ چڪ موجود آهي ۽ اتي ڪٽڪ جي پوکي لاءِ زمين مناسب نه ٿي سمجهي وڃي يا جيڪا زمين هلڪي ڪلرائي آهي ته اهڙي قسم جي زمينن ۾ سرنهن جي پوک ڪئي وڃي. خاجرو تيل کاڌ خوراڪ جي شين ۾ اهم آهي.

پاڪستان پهرين نمبر تي پيٽروليم مصنوعات ۽ ٻئين نمبر تي خاجرو تيل ٻاهران گهرائيندو آهي. پاڪستان گذريل سال جي پيٽ ۾ 47 سيڪڙو وڌيڪ خاجرو تيل ٻاهران گهرايو جنهن جي ماليت تقريبن 4 ارب ڊالر آهي. ملڪ اڳ ئي معاشي بحران مان گذري رهيو آهي ۽ معاشي ماهرن جي راءِ آهي ته امپورٽ بل يا درآمدي خرچن کي گهٽايو وڃي. دنيا ۾ تيلي ٻجن وارن فصلن ۾ سرنهن جي اهميت ٽئين نمبر تي آهي. جڏهن ته پهرئين نمبر تي سويا بين ۽ ٻئين نمبر تي کوپري جو تيل آهي. توريئي جو فصل ننڍين پاڙن جي ڪري نازڪ ٿئي ٿو جيڪو سوڪهڙو برداشت نه ٿو ڪري سگهي ۽ ڪمزور ڏانڊين جي ڪري ڪِرِي ٿو پوي. سرنهن جو فصل اونهين پاڙن وارو آهي تنهن ڪري هي فصل سوڪهڙو سردي وغيره برداشت ڪندو آهي ان کان علاوه جيتن جو به گهٽ حملو ٿيندو آهي. هي ٻئي فصل تقريباً سموري سنڌ ۾ ٿيندا آهن ۽ ڪاميابيءَ سان پوکي سگهجن ٿا.

**جنسون:** سرنهن جون جنسون ؛ ايس _9 ، آڳاتي سرنهن، پي _78، پروجيني _8

**توريي جون جنسون:**

**توريو سليڪشن:** سارياللي علائقي خاص ڪري اتر سنڌ ۾ او پي (نان هائبرڊ) جنسن جي پيداوار 8 کان 12 مڻ في ايڪڙ ايندي آهي ۽ اڄ ڪلهه مارڪيٽ ۾ هائبرڊ جنسون پڻ موجود آهن. جنهن جي پيداوار سراسري 20 کان 25 مڻ لهندي آهي. ڪوشش ڪجي ته ٻج ملاوٽ کان پاڪ هجي.

**پوکي:** سرنهن کي سيپٽيمبر کان آڪٽوبر جي مهيني تائين پوکي سگهجي ٿو جتي زمين ۾ گپ چڪ يا ٿورو پاڻي بيٺل آهي اتي 2 ڪلو گرام في ايڪڙ سرنهن جو ٻج ڇٽ وسيلي پوکيو وڃي. جيڪا زمين عام حالت ۾ آهي ۽ پوڙ واري حالت کان بچيل آهي ان زمين کي 2 سکي جا هر ڏئي پتر پيجي سنوت ۾ آڃي ۽ زمين کي ننڍن ٻارن ۾ ورهائي ريج جو پاڻي ڏجي. جڏهن زمين وٺ ۾ اچي ته به هلڪا هر ڏئي پاٽيو گهمائي ٻج 2 کان 3 ڪلوگرام في ايڪڙ پوکي ڪرڻ گهرجي. اهو خيال رکڻ کپي ته ٻج ٻن انچن کان وڌيڪ اونهو نه پوکجي.

**خوراڪ:** سارياللي علائقي جي زمينن لاءِ ڊي اي پي هڪ کان ڏيڍ بوري في ايڪڙ پوکيءَ وقت يا ٻه بوريون نائٽروفاس في ايڪڙ ڏيڻ گهرجن

هڪ بوري يوريا پوکائي وقت ۽ جيڪڏهن پاڻيءَ جي موجودگي آهي ته مهيني جي اندر زمين کي پاڻي ۾ يوريا جي ڇٽ ڪئي وڃي.



**پاڻي:** پهريون پاڻي پوکيءَ کان 30 ڏينهن کانپوءِ ٻيو پاڻي جڏهن فصل گل تي اچي ته ڏيڻ کپي. عمومن سارياللي علائقي جي زمينن ۾سيڪ موجود هوندو آهي جنهن ڪري سرنهن يا توريي کي هڪ پاڻي ئي ڏيڻ گهرجي.

**گندگاهه ۽ گڏ ڪرڻ:** سرنهن ۽ توريي جي پوکڻ کان 30 ڏينهن کانپوءِ گند گاهه جي گڏ ڪرڻ گهرجي. ڪوشش ڪجي ته گند گاهه کي شروع ۾ ئي ختم ڪجي.

**ڪيميائي تدارڪ:** توريي ۽ سرنهن جي فصل ۾ ڪيميائي دوائن جو استعمال گهٽ يا نه هجڻ برابر ٿيندو آهي پر هن طريقي سان پڻ گند گاهه کي آساني سان ختم ڪري سگهجي ٿو.

**ٽرائفليوران:** زمين جي تياري مهل هن گاهه مار زهر کي زمين ۾ 8 کان 10 سينٽي ميٽرن جي مٿئن تهه ۾ ملائجي انهي سان گندگاهه وارا ٻوٽا آساني سان ختم ٿي ويندا.

**جيت ۽ بيماريون:** سرنهن يا توريي جي فصل کي جيتن کان بچائڻ لاءِ فصل جي چوڌاري جانيي جي فصلن جون قطارون لڳائجن.

هي فصل جڏهن گل ۽ ڦرين جي مرحلي ۾ داخل ٿيندو آهي ته ايفڊ جو حملو ٿيندو اتس جنهن کي محلو چيو ويندو آهي. هي جيت فصل مان رس چوسي فصل کي ڪمزور بڻائيندو آهي. هن جي بچاءَ جي لاءِ اميدا ڪلوپرڊ. ايسيٽاميپرڊ. ڪنفيڊور. ڊاءِ فينوٽيوران. ليمڊاساهيلوٿرين 200 کان 250 ملي ليٽر في ايڪڙ.

**لابارو:** توريو ٿوري عرصي وارو فصل آهي جيڪو سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر ۾ پوکبو آهي ۽ جنهن جو لابارو ڊسمبر کان جنوري جي مهيني ۾ ٿيندو آهي ۽ سرنهن وري سيپٽمبر کان آڪٽوبر جي مهيني ۾ پوکبي آهي جيڪا مارچ ۽ اپريل جي مهيني ۾ پچي ويندي آهي.

## Vagetables of Rabi season

# ربيع جون ڀاڇيون

**مٽر (Peas) :**

**پوکيءَ جو وقت:** آڪٽوبر کان نومبر.



**جنسون:** پرلي، سونيڪس، پي ايف 400، شيرين.

**ٻج جو مقدار:** 15 کان 20 ڪلوگرام.

**پوکيءَ جو طريقو:** ننڍي قد وارين جنسن جون چڻن فوٽن جي ڪرين تي اڍائي کان ٽن انچن جي مفاصلي تي چنگيون هڻجن. وڏي قد ۽ وچولي قد وارين جنسن جون چڻن فوٽن جي ويڪرن ڪرين تي ٻن کان ٽن انچن جي مفاصلي تي چنگين ذريعي پوکجي .

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي-اي -پي هڪ کان ڏيڍ بوري، يوريا هڪ بوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻہ بورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻہ ڀيرا هڪ هڪ يوريا هر 15 ڏينهن يا اين-پي-ڪي) 15:15:15( جون 3 بورين في ايڪڙ. هڪ بوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي بوري اين-پي -ڪي ۽ اڌ بوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين بوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ بوري يوريا في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.

**پاڻي:** هفتي هفتي ضرورت مطابق ڏجي .

**پٽاٽا (Potato):**

**پوکيءَ جو وقت:** آڪٽوبر کان نومبر **جنسون:** اڇا پٽاٽا، ملتا ۽



پيٽرونس **ٻج جو مقدار:** 15 کان 20 مڻ في ايڪڙ.

**پوکيءَ جو طريقو:** 2 کان اڍائي فوٽن جي ڪرين جي چوٽيءَ تي، 5 کان 6 انچن جي مفاصلي تي لڳائجن.

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي-اي -پي هڪ کان ڏيڍ بوري، يوريا هڪ بوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻہ بورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻہ ڀيرا هڪ هڪ بوري يوريا هر 15 ڏينهن يا اين-پي - ڪي )15:15:15( جون 3 بورين في ايڪڙ هڪ بوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي بوري اين-پي -ڪي ۽ اڌ بوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين بوري اين-پي -ڪي ۽ اڌ بوري يوريا في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.

**پاڻي:** ڀريون پوکيءَ وقت هڪدم ڏجي باقي هفتي يا ڏهين ڏينهن ضرورت مطابق ايترو ڏجي جنهن جو چوٽيءَ تي صرف سيڪ پهچي.

**پٽائي گجرون (Carrot):**



**پوکيءَ جو وقت:** آگاٽي پوک سيپٽمبر کان آڪٽوبر ۽ منداٽي پوک نومبر ۾ ڪجي.

**جنسون ۽ ٻج جو مقدار:** ديسي 5 کان 6 ڪلو ۽ ولائتي 3 کان 4 ڪلوگرام في ايڪڙ.

**مفاصلو:** ٻوٽا ٽن چئن انچن جا ٽين تہ 13 انچن جي مفاصلي تي چڏائي ڪجي.

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي -اي-پي هڪ کان ڏيڍ بوري يوريا هڪ بوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻہ بورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻہ ڀيرا هڪ هڪ بوري يوريا هر 15 ڏينهن يا اين-پي-ڪي )15:15:15( جون 3 بورين في ايڪڙ هڪ بوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي بوري اين-پي -ڪي ۽ اڌ بوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين بوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ بوري يوريا في ايڪڙمهيني بعد ڏجي.

**پاڻي:** آڳاٽي فصل کي پھريان ٽي چار پاڻي ھر ھفتي بعد ۽ ٿڌ ڏينھن ۾ ڏھين کان ٻارھين ڏينھن بعد پاڻي ڏجي.

## ٿوم (Garlic):



**پوکيءَ جو وقت:** آڳاٽي پوکي سيپٽمبر کان شروع ڪجيءَ ختم نومبر جي آخر ۾ ڪجي.

**جنسون:** ديسي نيو دمبالو.

**ٻج جو مقدار:** 100 ڪلوگرام في ايڪڙ.

**پوکيءَ جو طريقو:** ننڍين ٻارين ۾ اڌ فوٽ جي مفاصلي تي قطارن ۾ ٽن ٽن انچن جي مفاصلي تي ڳُريون رونبو ڪجن. جڏھن تہ ڪرين تي بہ پوکي ڪري سگھجي ٿي .

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي-اي -پي ھڪ کان ڏيڍ ٻوري، يوريا ھڪ ٻوري ۽ پوٽاش ھڪ کان بہ ٻورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ بہ ڀيرا ھڪ ھڪ ٻوري يوريا ھر 15 ڏينھن يا اين-پي-ڪي(15:15:15) جون 3 ٻورين في ايڪڙ ھڪ ٻوري اين -پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينھن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙمھيني بعد ڏجي.

**پاڻي:** شروعاتي بہ ٽي پاڻي ٽڪڙا ڏجن تہ جيئن ڳُريون ڦُٽن. جنھن بعد گرميءَ ۾ اين-پي-ڪي ھفتي ھفتي بعد ۽ سرديءَ ۾ ڏھين کان ٻارھين ڏينھن بعد ڏيڻ گھرجي.

## پالڪ (Spinach/Chard):



**پوکيءَ جو وقت:** ديسي پالڪ آڪٽوبر کان جنوريءَ تائين پوکجي پر ولائتي پالڪ ان سان گڏ سانوڻيءَ ۾ پوکي وڃي ٿي .

**جنسون:** ديسي پالڪ نرم ۽ سنھن پنن واري ۽ ولائتي پالڪ سخت ۽ وڏن پنن واري ٿيندي آھي.

**ٻج جو مقدار:** 15 کان 20 ڪلو گرام في ايڪڙ

**پوکيءَ جو طريقو:** ننڍين ٻارين ۾ قطارن جي شڪل ۾ پوکجي پر ساڳيئي وقت ننڍن ڪرين تي پوکي سگھجي ٿي.

**ڪيميائي ڀاڻ:** پوکيءَ وقت اين-پي-ڪي (15:15:15) ھڪ ٻوري، ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا 15 ڏينھن بعد، ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا مھيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ ھر لوپ کان پوءِ ھڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ وجھجي .

**پاڻي:** گرميءَ ۾ ھر ھفتي بعد ۽ ٿڌ ۾ ٻارھين کان پندرھين ڏينھن بعد ڏيڻ گھرجي.

## بند گوبي (Cabbage):



**پوکيءَ جو وقت:** منڊائتي پوکي لاءِ پيجارو سيپٽمبر - آڪٽوبر ۾ ۽ رونبو آڪٽوبر - نومبر ۾ ڪجي. جڏھن تہ پاڇاتي پوکيءَ لاءِ پيجارو نومبر ۾ ۽ رونبو ڊسمبر ۾ڪجي.

**ٻج جو مقدار:** 100 کان 400 گرام في ايڪڙ.

**ڪيميائي ڀاڻ:** اين-پي-ڪي ھڪ کان ڏيڍ ٻوري ۽ پوٽاش ھڪ کان بہ ٻورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ بہ ڀيرا ھڪ ھڪ ٻوري يوريا ھر پندرھين ڏينھن يا اين-پي- ڪي (15:15:15) جون 3 ٻورين في ايڪڙ. ھڪ ٻوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينھن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ مھيني بعد ڏجي.

**گڏ ۽ پاڻي:** گڏ جڏھن رونبي کان پوءِ ٻوٽا چڱي طرح لڳي وڃن تہ ڪجي ۽ ٻوٽن تي ھلڪي مٽي چاڙھجي. اھڙي طرح پندرھين ڏينھن ٻي گُڏ ڪري وري مٽي چاڙھجي پاڻي شروع ۾ بہ ٽي ٽڪڙا ڏجن. ان بعد سردي ۾ ڏھين کان پندرھين ڏينھن ۽ گرمي ۾ ھر ھفتي پاڻي ڏجي .

## ميٿو (Fenugreek):



**پوکيءَ جو وقت:** منداتئي پوکي سيپٽمبر کان نومبر تائين پر جنوريءَ تائين لڳائي سگهجي ٿي .

**جنسون:** ديسي ۽ قصوري

**ٻج جو مقدار:** 6 کان 8 ڪلو گرام في ايڪڙ

**پوکيءَ جو طريقو:** ننڍيون چورس پاريون ٺاهي، انهن ۾ ريج ڪري مٿان پاڻيءَ ۾ ٻج ڇٽي ڇڏجي.

**ڪيميائي ياڻ:** پوکيءَ وقت اين-پي-ڪي (15:15:15) هڪ ٻوري في ايڪڙ. ٻي ٻوري اين-پي-ڪيءَ ۽ اڌ ٻوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يور يا مهيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ هر لوپ کان پوءِ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏجي.

**پاڻي:** گرميءَ ۾ هر هفتي بعد ۽ ٿڌ ۾ ٻارهين کان پندرهين ڏينهن بعد پاڻي ڏيڻ گهرجي.

## سلاد (Lettuce):



**پوکيءَ جو وقت:** سيپٽمبر کان نومبر تائين

**پوکيءَ جو طريقو:** ٻن کان اڍائي فوٽن جا ڪريا ڪڍي ڪرين جي ٻنهي پاسي 9 انچن جي مفاصلي تي چنگيون هڻي ڪرين کي ايترو پاڻي ڏجي جيئن چنگين تائين صرف پاڻيءَ جو سيڪ پهچي .

**ڪيميائي ياڻ:** پوکيءَ وقت اين-پي-ڪي (15:15:15) هڪ ٻوري في ايڪڙ. ٻي ٻوري اين-پي-ڪيءَ ۽ اڌ ٻوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يو ريا مهيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ هر لوپ کان پوءِ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏجي .

**پاڻي:** گرميءَ ۾ هفتي بعد ۽ سرديءَ ۾ ٻارهين کان پندرهين ڏينهن بعد پاڻي ڏجي.

## ڌاڻا (Coriander):



**پوکيءَ جو وقت:** منداتئي پوک سيپٽمبر کان آڪٽوبر تائين تجويز ٿيل آهي. باقي سڄو سال پوکجن ٿا.

**جنسون:** ايراني ۽ ديسي.

**ٻج جو مقدار:** 6 کان 8 ڪلو گرام في ايڪڙ

**پوکيءَ جو طريقو:** ٻن اڍائن فوٽن جي ڪرين تي ٻنهي پاسن کان ليڪ ڪڍي ان ۾ ٻج ڇٽجي. مٿان هٿ سان ڍڪي. سيڪ جيترو پاڻي ڏجي. اهڙي طرح ناڙي به ڪري سگهجي ٿي. ٻج کي سڄي رات پُسائي رکجي ۽ پوءِ پوکجي .

**ڪيميائي ياڻ:** پوکيءَ وقت اين-پي-ڪي (15:15:15) هڪ ٻوري في ايڪڙ. ٻي ٻوري اين-پي-ڪيءَ ۽ اڌ ٻوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا مهيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ هر لوب کان پوءِ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏجي .

**پاڻي:** گرميءَ ۾ هر هفتي بعد ۽ سرديءَ ۾ ٻارهين کان پندرهين ڏينهن بعد پاڻي ڏيڻ گهرجي.

## سؤنف/وڏف (Fennel) :



**پوکيءَ جو وقت:** 15 آڪٽوبر کان نومبر جو سڄو مهينو

**ٻج جو مقدار:** 5 ڪلو گرام في ايڪڙ

پوکيءَ جو طريقو: ڏيڍ کان ٻن فوٽن جي مفاصلي تي قطارن ۾ پوکجي.

**ڪيميائي ياڻ:** پوکيءَ وقت اين-پي-ڪي (15:15:15) هڪ ٻوري في ايڪڙ ۽ ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا مهيني بعد ڏجي.

**پاڻي:** پهريون پاڻي مهيني بعد ۽ ٻيا پاڻي پندرهين ويهين ڏينهن بعد ڏجن.

Advices for Crops of Tharparkar

# ٿرپارڪر ۾ فصلن جو زرعي ڪم ڪار

وجي ڪمار، ڊپٽي ڊائريڪٽر زرعي توسيع مٺي

**فصل:**

**بصر:**



- بصر ٿرپارڪر جو اهم فصل آهي، جيڪو ڄَرَ جي مٺي پاڻي تي ننگرپارڪر، ڏيپلو ۽ اسلامڪوٽ تعلقن ۾ پوکجي ٿو.
- ٿرپارڪر ۾ بصرن جو روبنو سيپٽمبر مهيني کان شروع ٿيندو آهي ۽ ڊسمبر مهيني جي آخر تائين جاري رهندو آهي.
- بصر جو ٻج پوکڻ لاءِ مستطيل ٻاريون (6x4) فوٽ جون مٿاهين پاسي تي ناهڻ گهرجن ته جيئن سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر مهيني جي امڪاني برسات سبب ٻج جي نقصان کان بچي سگهجي.
- ٻج پوکڻ مهل ٻاري ۾ ٿايوفينٽيڊ ميٿائيل 10 گرام في ٻاري ۾ زمين جي واري سان ملائي ڇٽڻ گهرجي.
- روبنو ڪرڻ کان پهرين ڪلٽيويٽر جو هر ڏيئي، جتي سخت زمين آهي، اُتي گوبل جو هر به لڳائجي. زمين کي سنوت ۾ آڻي (6x4) فوٽ جون مستطيل ٻاريون ناهي، ٻن ٻارين جي وچ مان پاڻي ڏيڻ لاءِ نالي ناهي، اُن ۾ ٿوري چيڪي مٽي جو هلڪو ٿهه وجهائجي، ته جيئن پاڻيءَ جي سيمي جي زيان کان بچي سگهجي.
- جتي ٻيجارو تيار آهي، روبنو ڪرڻ کان پهرين هڪ ٻوري ڊي اي پي يا زورآور انهن مان ڪا به هڪ ۽ اڌ ٻوري ايس او پي ڀاڻ في ايڪڙ ڏيئي سگهي ۾ روبنو ڪري پوءِ پاڻي ڏجي.
- روبنو ڪرڻ مهل ٻيجاري کي 0.4 سيڪڙو ايليٽ فنجيسائيڊ جو ڳار ناهي، ان ۾ هيٺين حصو ٿوري دير لاءِ پسائي پوءِ روبنو ڪجي.
- بصر جي فصل ۾ پهرين ڳُڏ جي تمام گهڻي اهميت آهي. اِها يڪدم پنهنجي ٽائيم تي ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڳُڏ ڪيڏڻ جو ٽائيم نه ملي ته آڪسي فين گاهه مار دوا 400 ملي لٽر في ايڪڙ تي ڦوهارو ڪجي ۽ ڦوهارو ڪرڻ ڪانپوءِ 8 کان 10 ڏينهن پاڻي نه ڏجي.
- بصر جي فصل ۾ راڄ ڳُرو جو فصل پوکڻ کان پاسو ڪجي، اُن فصل جون الڳ ٻاريون ناهي پوکجن.
- جتي گندگاهه نڪري ويو هجي اُتي، اڌ ٻوري يوريا ڀاڻ في ايڪڙ تي ڏجي.
- آڪٽوبر مهيني ۾ گرمي پد وڌيڪ هئڻ جي صورت ۾ ڪاري ۽ ڀوري ٽرڙي جو حملو اڪثر ڏٺو ويندو آهي. وڌيڪ حملي جي صورت ۾ ڪيپٽل پلس 500 سي سي في ايڪڙ ۽ ڪلوروفيناپائر 125 سي سي في ايڪڙ تي ملائي ڦوهارو ڪجي

**لونگي مرچ:**

- لونگي مرچن جو فصل ٿرپارڪر ۾ پاڇاٽو پوکيو ويندو آهي. جيڪو جنوري ۽ فيبروري مهيني تائين هلندو آهي.
- فصل کي جتي فاسفورس وارو ڀاڻ مڪمل ڏنل آهي، اُتي گندگاهه ڪڍي مٽي پاڙن تي چاڙهي يوريا ڀاڻ جي اڌ ٻوري ۽ ايس او پي ڀاڻ جي اڌ ٻوري ۽ ان سان گڏ زنڪ سلفيٽ جي هڪ ٿيلي في ايڪڙ تي ڏجي.
- جتي فصل گلن تي آهي، اُتي بدمائيٽ ۽ ٿرپس جو حملو به اڪثر سيپٽمبر جي مهيني ۾ رهندو آهي. اُتي اوبيران اسپيڊ دوا 125 سي سي في ايڪڙ تي ڦوهارو ڪجي. بارش پوڻ ڪانپوءِ ڊائوني ملڊيو بيماري جي حملي جو به خطرو رهندو آهي، ان لاءِ احتياطن اڳواٽ انٽراڪول يا ميٽاليڪسل مينڪوزيب يا ايڪروبيٽ دوا جو ڦوهارو ڪجي.
- وڌيڪ گرمي پوڻ جي صورت ۾ چاڪاڻ ته زمين بلڪل وارياسي آهي، اُن لاءِ فصل کي هر پنجن ڏينهن تي پاڻي ڏجي.

**ٽماٽو:**

- ٿرپارڪر ۾ اڪثر ڪري ٽماٽي جو فصل به پاڇاٽو پوکيو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته هتي اڪثر ڏٺو ويو آهي ته گرمي وڌڻ جي صورت ۾ زمين جو مٿيون تهه جيڪو وارياسو هجي ٿو ان جي تپش هجڻ ڪري فصل کي نقصان ٿئي ٿو.
- آگسٽ ۽ سيپٽمبر مهيني جا پوکيل ٻج جن جو روبنو سيپٽمبر جي وچ ۾ ۽ آڪٽوبر مهيني ۾ ٿيندو آهي. جيڪو وڌيڪ پيداوار ڏيئي ٿو.
- آباديگار ڀائرن کي گذارش آهي ته ٽماٽي جو فصل ٻارين جي بدران ڪرين تي ڪجي جنهن جو پنو گهٽ ۾ گهٽ 6 فوٽ هجي. نالن جي ٻنهي پاسن کان 1 کان سوا فوٽ تي روبنو ڪجي.
- ٽماٽي جي فصل لاءِ پنهنجو رکيل ديسي ٻج ان کي اوليت ڏجي.

**سياري (ربيع) جون ڀيون ڀاڄيون:**

- سياري جون ڀاڄيون لڳائڻ لاءِ 15 سيپٽمبر کان تياري ڪجي. جيڪي سيپٽمبر جي آخري هفتي تائين آڳاٽيون ڀاڄيون ڪري پوکجن جن ۾ والوڙو گل گوبي، پالڪ، موري، گجر، ڏاڻا، مٽري ۽ سوها وغيره شامل آهن.

# Cultivation of alfalfa

# برسيم جي پوک

**زمين:** برسيم جي پوک وارياسي کان چيڪي زمين ۾ ڪري سگهجي ٿي. هي فصل مختلف زمينن اندر پوکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ وارياسي کان ڳريون لٽياسيون زمينون جنهن ۾ نيڪال سٺو هجي اهي بهتر آهن. جڏهن ته برسيم جا ٻوٽا هلڪي ڪلر وارين زمينن کي برداشت ڪن ٿا.

**زمين جي تياري:** برسيم ڊگهي پاڙ وارو فصل آهي. جنهن لاءِ زمين جي تياري بهتر نموني ڪئي وڃي ٿي. هن فصل جي پوک لاءِ 3 کان 4 هر ڏئي پتر پيچي زمين کي هموار ڪجي. پاڻي ڏيڻ بعد بيٺل پاڻي ۾ برسيم جو ٻج ڇٽ ڪرڻ گهرجي.



**پوکڻ جو وقت ۽ طريقو:** هن فصل جي پوک 15 سيپٽمبر کان 15 نومبر تائين ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته اهي علائقا جتي گرمي جو درجو وڌيڪ هجي ان حالت ۾ برسيم آڪٽوبر مهيني ۾ پوکيو وڃي ٿو.

برسيم جي پوکي ڇٽ ذريعي ڪئي وڃي ٿي. هن فصل جي پوک لاءِ ڀرپائين زمين کي پاڻي ڏجي. ان بعد بيٺل پاڻيءَ ۾ برسيم جو ٻج ڇٽ ڪجي. هي فصل وونٽڻ ۽ مڪئي جي بيٺل فصل ۾ پوکيو وڃي ٿو. جنهن لاءِ آڪٽوبر جي مهيني ۾ وونٽڻ ۽ مڪئي کي پاڻي ڏجي ۽ بعدم برسيم جو ٻج ڇٽ ڪجي. جڏهن ته ساريال جي علائقي ۾ برسيم جي پوک سارين جي فصل جي لاباري بعد ڪئي وڃي ٿي. چاڪاڻ ته هن علائقي جي زمين جي سڏاري واسطي سارين ۽ برسيم جي وارقير ڪئي وڃي ٿي ته جيئن زمين مان ڪلر جو خاتمو ٿئي .

**جنسون:** هن فصل لاءِ مقامي جنس پوکي وڃي ٿي. جنهن ۾ پنن ۽ رسدار ڏانڊين جو گهڻو مقدار ٿئي ٿو.

**ٻج جو مقدار:** هن فصل لاءِ 10 کان 12 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي .ٻج سنهي هجڻ سبب ان جومقدار وڌائي سگهجي ٿو .

**پاڻ ڏيڻ:** هن فصل کي عام طور پاڻ نه ڏنو ويندو آهي. پر زمين اندر هڪ ٻئي پٺيان لڳاتار فصل پوکڻ سبب زمين جي زرخيزيءَ تي اثر پوي ٿو ۽ پيداوار گهٽ ملي ٿي. تنهنڪري زمين جي زرخيزي کي قائم رکڻ لاءِ پاڻ ڏيڻ ضروري آهي. هن فصل جي پوکيءَ لا ءِ اڌ ٻوري يوريا ۽ ڏيڍ ٻوري ڊي اي پي پاڻ في ايڪڙ پوکيءَ کان اڳ ڏيڻ گهرجي. چاڪاڻ ته فاسفورس وارو پاڻ نه فقط فصل جي پيداوار وڌائي ٿو پر ان جي خاصيت تي پڻ سٺو اثر ڏيکاري ٿو. جڏهن ته فصل جي پهرين لوپ يا لاباري بعد يوريا پاڻ جي اڌ ٻوري ڏيڻ گهرجي. جنهن سان فصل سائو ۽ سرسبز ٿيندو ۽ واڌ جلدي ٿيندي.

**پاڻي ڏيڻ:** هن فصل جي پوکيءَ بعد ٻه هلڪا پاڻي هفتي اندر ڏيڻ گهرجن ته جيئن سٺو ڦوٽهڙو ٿئي. چاڪاڻ ته جلدي پاڻي ڏيڻ سبب سلا جلدي ساوا ٿيندا ۽ واڌ تيز ڪندا. هن فصل ۾ مجموعي طور 8 کان 10 پاڻي ڏيڻ گهرجن. جيڪي 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان ڏيڻ گهرجن.

**گندگاهه:** هن فصل ۾ عام طور ڳُڏ يا گندگاهه ڪڍڻ جي ضرورت نه آهي. پر هن فصل ۾ جيڪڏهن بصري، ڪاسي، سنجهه ۽ جهل نظر اچن ته هٿ ذريعي ڪڍي ڇڏجن.

**برسيم جي ڪٽائي:** هن فصل جي پهرين ڪٽائي يا پهريون لاپ هڪ مهيني جي اندر وٺڻ گهرجي ۽ سلسلي وار ڪٽائي ٻن يا ٽن هفتن بعد ڪندو رهجي جڏهن ته آخري ڪٽائي بعد هن فصل کي سائي پاڻ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو.

**پيداوار:** هن فصل مان 800 کان 1000 مڻ سائو چارو ملي ٿو. جڏهن ته ٻج لاءِ پوکيل برسيم مان 8 کان 10 مڻ في ايڪڙ ٻج ملي ٿو.

# Cultivation of Egyption clover

# لوسڻ جي پوک

**زمين:** هن فصل جي پوکيءَ لاءِ زرخيز لتياسي زمين کان هلڪي زرخيز زمين جي چونڊ ڪيو. جنهن ۾ پاڻيءَ جي نيڪال بهتر هجي. لوسڻ جون پاڙون تمام هيٺ زمين ۾ وڃن ٿيون. ان ڪري لوسڻ ۾ سوڪهڙي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت آهي. جڏهن ته دوباري ,بوسي يا خشڪ علائقن ۾ هلڪي ڪلر وارين



زمينن ۾ به لوسڻ ڪاميابيءَ سان پوکي سگهجي ٿو.

**زمين جي تياري:** لوسڻ دائمي قسم جو فصل آهي. جيڪو بهتر حالتن سبب زمين تي 6 کان 7 سالن تائين موجود رهي ٿو. ان ڪري لوسڻ جي پوک لاءِ زمين جي تياري بهتر نموني ڪرڻ گهرجي. زمين کي 3کان 4 اونها هر ڏئي پتر ڀجي ان کي هموار ڪجي. گندگاهه جي ٻوٽن کي فصل پوکڻ کان اڳ ختم ڪيو وڃي.

**پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:** لوسڻ جو فصل 15 سيپٽمبر کان 15 نومبر تائين پوکي سگهجي ٿو. پر آڪٽوبر جو مهينو سڀ کان بهتر آهي. هي فصل ناڙيءَ ذريعي پوکڻ گهرجي. چاڪاڻ ته قطارن ۾ پوکيل فصل سائي گاهه ۽ ٻج جي پيداوار وڌيڪ ڏئي ٿو. ٻج ناڙي ڪرڻ وقت اهو خيال ڪجي ته جيئن ٻج ڏيڍ انچ کان وڌيڪ هيٺ نه وڃي. لوسڻ ڪرين تي به پوکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ ٻن ڪرين جي وچ ۾ مفاصلو ڏيڍ کان ٻه فٽ هجڻ گهرجي. جڏهن ته لوسڻ جو فصل آلي زمين ۾ ڇٽ ذريعي پوکي سگهجي ٿو.

**ٻج جو مقدار:** لوسڻ جي ناڙي ذريعي پوک لاءِ 5 کان 6 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. جڏهن ته ڇٽ ڪيڙ يا گهڙٻيءَ واري پوک لاءِ 8 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪيو وڃي .

**ڀاڻ ڏيڻ:** لوسڻ جي فصل مان وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ وٿاڻ جو ڳريل سڙيل ڀاڻ ڏيڻ ضروري آهي. جڏهن ته فصل پوکڻ وقت ڊا پوري ڊي اي پي يا هڪ پوري نائٽروفاس استعمال ڪجي.

**پاڻي ڏيڻ:** ناڙي ۽ ڇٽ ڪيڙ واري پوک کي پهرين پاڻي جي ضرورت گهٽ ڪري 21 ڏينهن تي پوي ٿي پر زمين جي حالت ۽ آبهوا کي نظر ۾ رکندي ضرورت مطابق پاڻي ڏجي. جڏهن ته ڪُر يا گهڙٻي پوک کي 2 کان 3 پاڻي تڪڙا ڏيڻ گهرجن. باقي پاڻي اونهاري ۾ 10 کان 15 ڏينهن ۽ سياري ۾ 15 کان 20 هين ڏينهن ڏيڻ گهرجي.

**گندگاهه:** لوسڻ جي پوکي واري زمين ۾ جيڪڏهن گندگاهه ٿيندڙ هجي ته ان گندگاهه جي قسم مطابق پوکي کان اڳ گاهه مار زهر جو استعمال ڪجي..

**لوسڻ جي ٻج جي تياري:** لوسڻ جي ٻج جي تياري جي لاءِ بهتر موسم بهار آهي. جنهن ۾ فيبروري واري مهيني ۾ ڪٽائي بند ڪجي. لوسڻ جو ٻج اپريل مهيني ۾ پچي لاباري لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. عام طور فصل مان 5 کان 6 لوپ وٺي سگهجن ٿا.

**پيداوار:** عام حالتن ۾ لوسڻ مان 400 کان 500 مڻ في ايڪڙ سائو گاهه وٺي سگهجي ٿو. جڏهن ته ٻج لاءِ پوکيل فصل مان بهتر حالتن ۾ 4 کان 8 مڻ في ايڪڙ ٻج يا 160 کان 320 ڪلوگرام ٻج في ايڪڙ وٺي سگهجي ٿو.

Importance of Boron in Agriuclture

# زراعت ۾ بوران جي اهميت

زوهيب الرحمان پگهيو (ايگريڪلچر آفيسر سلطان آباد، ٽنڊوالهيار)

ٻوٽن کي پنهنجي صحتمند واڌ ويجهہ لاءِ غذائي عنصرن جي ضرورت هوندي آهي ۽ بوران انهن مان هڪ آهي. ٻوٽن جي غذائيت جي مطابق بوران جو تعلق مائڪرو نيوٽرينٽ گروپ سان آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ اهو ٻوٽن کي ننڍي مقدار ۾ گهربل آهي. بورا ن کي فصل جي پيداوار تي اهم اثرن لاءِ سڃاتو وڃي ٿو.بوران هڪ اهم غذائي عنصر آهي جيڪو ٻوٽن جي ڪيترن ئي جسماني، ميٽابولڪ، واڌ ۽ پيدائش واري عمل ۾ شامل آهي. سيلولر سطح تي، بوران سيل جي ڀت کي طاقت ۽ سالميت ڏئي ٿو سيل جهلي جي ڪم کي برقرار رکي ٿو ۽ سيل ڊويزن ۽ بافتن جي نهڻ کي فروغ ڏئي ٿو. واڌ جي لحاظ کان، بوران جڙ جي ڊگهائي ۽ ثانوي جڙ جي نهڻ کي بهتر بڻائي ٿو. اهو پڻ ٻوٽن جي هارمون جي پيداوار کي منظم ڪري ٿو جنهن جي نتيجي ۾ ٻوٽن جي واڌ کي بهتر بڻائي ٿو. ٻوٽن ۾ پيدائش واري نقطي نظر کان، بوران مختلف عملن ۾ شامل آهي جنهن ۾ پولن ٽيوب جي نهڻ ۽ واڌ، گلن ۽ ميون جي نهڻ، ٻج جي جوڙجڪ ۽ پيداوار شامل آهن.

بوران جي کوٽ ٻوٽن ۾ هڪ وسيع مسئلو آهي جيڪو تقريبن هر فصل ۾ ڏٺو ويندو آهي. ڪيترائي ٻوٽا شروعاتي طور تي بوران جي گهٽتائي جون واضح نشانيون ظاهر نہ ڪندا آهن صرف انهن جي واڌ سست ٿيندي آهي. جڏهن وچولي يا سخت گهٽتائي ٿئي ٿي، اڪثر فصلن ۾ نمايان علامتون ظاهر ٿين ٿيون.بوران جي گهٽتائي جون علامتون هڪ فصل کان ٻئي فصل تائين مختلف هونديون آهن پر عام طور تي ٻوٽي جي وڌندڙ حصن، گلن ۽ ميوي وارن حصن ۾ نظر اينديون آهن. وونئڻن ۾ بوران جي گهٽتائي جي علامتن ۾ گوگڙن جو دير سان نهڻ ۽ کلڻ، اڌ کليل گوگڙا ، گلن ۽ گوگڙن جو ڇڻڻ شامل آهن. ڪڻڪ ۾ بوران جي گهٽتائي جي ڪري پن خراب ٿي ويندا آهن ۽ ٻوٽا غير معمولي ٿلها ٿي ويندا آهن. ڪڻڪ جا سنگ سنهڙا ٿي ويندا آهن ۽ انهن تي تمام گهٽ داڻا هوندا آهن. بوران جي گهٽتائي سبب ٽماٽي جا پن ٿلها ۽ ڪڙڪ ٿي وڃن ٿا، جڏهن تہ ميوو بہ ڇٽي ٿو. سارين ۾ بوران جي گهٽتائي سبب ٻوٽن جو قد ننڍو رهجي ويندو آهي. نون نڪرندڙ پنن جون چوٽيون صفيد ٿي وڃن ٿيون ۽ پٽا ڦري ويندا آهن. بوران جي گهٽتائي جي نتيجي ۾ سارين ۾ سنگن جي تعداد ۾ پڻ گهٽتائي اچي سگهي ٿي.

ٻوٽن ۾ گهٽتائي جي خرابي کي بوران ڀاڻ جي استعمال سان درست ڪري سگهجي ٿو. پاڪستان ۾ بوران ڀاڻ جي استعمال کي اڪثر نظرانداز ڪيو ويندوآهي، جنهن سبب ڪيترن ئي فصلن جي پيداوار متاثر ٿيندي آهي. ڪيترن ئي محققن پاڪستان ۾ ڪپهہ، ڪڻڪ ۽ چانورن جي ٻوٽن جي پيداوار تي بوران جي فائديمند اثرن بابت تفصيلي تحقيق ڪئي آهي. هنن صلاح ڏني تہ ڪپهہ، ڪڻڪ ۽ چانورن جي پوک ۾ 2 کان 3 ڪلوگرام في ايڪڙ جي حساب سان بوران استعمال ڪيو وڃي. ڪپهہ ۾ بوران کي گلن جي وقت ۾ لڳايو وڃي. جڏهن تہ ڪڻڪ ۽ چانورن ۾ اناج جي نهڻ واري مرحلي دوران لاڳو ڪرڻ گهرجي. هن وقت بوران ڀاڻ مارڪيٽ ۾ آساني سان دستياب آهي ۽ اهي اينگرو، ايف ايف سي ۽ ٻين مقامي ڪمپنيون ٺاهي رهيون آهن. اڄ جي جديد زراعت جو تمام گهڻو ڌيان ٻوٽن جي غذائيت تي آهي، تنهنڪري هارين کي فصل جي پوکيءَ ۾ بوران ڀاڻ کي اپنائڻ لاءِ مثبت قدم کڻڻ گهرجن.

## سنڌ زراعت

**نواز علي جمالي**

سنڌ ڌرتي جو شان آهي سنڌ زراعت
سنڌ ڌرتي جو مان آهي سنڌ زراعت
هارين ۽آبادگارن جو ترجمان آهي سنڌ زراعت
فصلن جي جنسن جا پيرا ملندا سنڌ زراعت
مالوندن جا مرڪندا چهرا ڏسي سنڌ زراعت
جنهن ۾ آهن مالوندن جا صفحا عجيب
ماهرن ڊاڪٽرن ڏنا آهن سولائي سان ترتيب
تہ پوء آساني سان ۽ دل سان پڙهو سنڌ زراعت
پڙهڻ سان دل بيقرار ڪندس ونڻ لاء سنڌ زراعت
ڪٿي پوندا خريدار سمجهڻ سان ملندن سنڌ زراعت
هن ۾ آهن حڪيمن جا نسخا حڪمت سان ڀريل
فائدو ئي فائدو آهي جي وٺندا دوست سنڌ زراعت
نہ ٿا گهرون يارن ۽آبادگارن کان قيمت سنڌ زراعت
بس پوء بہ نہ ٿا ڪن تعاون۽ نہ ٿا وٺن سنڌ زراعت
جنين کي قدر آهي تعليم جي تن کان پڇ قدر سنڌ زراعت
پوء بہ نہ ٿا ملن آبادگار توڙي هاري جو وٺن سنڌ زراعت
مفت ۾ ڏيون ٿا رسالو پنهنجي ترقي زراعت جي سڌاري لاء
پر پوء يقين نہ ٿو اچين جو ٿين خاص خريدار سنڌ زراعت
ٻڌ منهنجا منڙا سنڌي ڀاء توڙي ٻار ٻروچ جا
ڪاميابين سان ٿيندين همڪنار وٺندين سنڌ زراعت
ناز سان نواز جمالي اوهان جي لاء آهي منتظر
علواڻي ٻڌاء آبادگارن ڀائرن کي وٺن سنڌ زراعت

Cultivation of Teak Plant

# ساڳوان وڻ جي پوک

تحرير: سيد حسن شاهہ راشدي سينيئر سائنٽسٽ زرعي تحقيق سنڌ ٽنڊوڄام

آبادگار پائرو اسلام عليڪم !

اڄ ڪجھ ڳالهيون ساڳوان وڻ تي ڪندا هلون ڇو تہ هاڻ هن وڻ جي پوک اسان جي صوبي سنڌ ۾ ڪاميابي سان ٿي سگهي پئي پر منهنجي صلاح مطابق پهريان تجرباتي سطح تي ڪجھ ٻوٽا پوکي ڏسجن تہ بهتر آهي .

هن وڻ جو ڪاٺ تمام گهڻو ڪارائتو آهي هن جو هڪ فٽ ڪاٺ 5000 کان 8000 رپيين تائين بہ وڪاميو آهي هي وڻ پارت ۾ تمام گهڻي ڪاميابي سان پوکيو ويندو آهي پهريان هي وڻ 25 سالن ۾ تيار ٿيندو هو پر ماهرن جي چوڻ مطابق هن جي هڪ هائبرڊ جنس جنهنجو نالو نيلمبر ساڳوان آهي پاڪستان ۾ ڪاميابي سان پوکي سگهجي ٿي ۽ 10 سالن ۾ مارڪيٽ ۾ وڪري لائق ٿي ويندو آهي اها جنس گهٽ نمي ۽ وڌيڪ گرمي پڊ تي بہ بهتر ٿي سگهي ٿي. ماهرن اهو بہ ٻڌايو آهي تہ هي جنس سنڌ جي تمام ضلعن جنهن ۾ ڪراچي گوادر ٺٽو بدين خيرپور ڪشمور حيدرآباد شامل آهن ڪاميابي سان پوکي سگهجي ٿي .

هي وڻ سني زمين يعني سم ڪلر کان آجي زمين ۾ بهترين ٿي سگهي ٿو.

هڪ ايڪڙ ۾ 500 ٻوٽا لڳندا آهن ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو 10/10 فٽ هوندو آهي. هن جو هڪ ٻوٽو پاڪستان مان 500 رپيين جو ملي ٿو ۽ هڪ ايڪڙ تي 250000 اڍائي لک تائين جو نرسري جو خرچو آهي. ماهرن مطابق هڪ ايڪڙ مان 10 سالن ۾ 4 ڪروڙ تائين جو منافعو ٿي سگهي ٿو.

**پوکيءَ جو وقت:** هن وڻ کي بهار جي موسم فيبروري کان مارچ ۾ لڳائجي تہ بهتر آهي پر آگسٽ کان سيپٽمبر ۾ بہ لڳائي سگهجي ٿو.

**پوکيءَ جو طريقو:** هن وڻ جي پوکيءَ جي لاءِ زمين کي 2 يا 3 دفعا هر ڏجي زمين کي سنوت ۾ آٽجي ۽ 10 فٽن جا 45 سينٽي ميٽر تي کڏا کوٽي انهن کڏن کي ڪجھ ڏينهن سج جي روشني وٺڻ لاء ڇڏي ڏجي پوءِ انهن کڏن مان نڪتل مٽي سان ان مٽي جي اڌ جيترو ڳريل سڙيل وٿاڻ جو ڀاڻ ۽ 25 گرام اين پي ڪي ڀاڻ ۽ ڪابہ سني جيت مار ۽ فنگي مار زرعي دوا جو زرعي ماهر جي مشوري سان وزن ڪري ان مرڪب سان ملائي ان مرڪب جو چوٿون حصو پهريان کڏي ۾ لاهي رکو پوءِ ان ساڳوان جا ٻوٽا انهن کڏن ۾ رکي بقايا مٽي وارو مرڪب انهن کڏن ۾ لاهي کڏا چڪي سان گڏ پري ڇڏيو ۽ ٻوٽي کان ٻوٽي تائين پاڻي جي لاءِ هڪ نالي کوٽي ڇڏيو ۽ پوءِ مٿو پاڻي ڏئي ڇڏيو. هن وڻ کي ٽن سالن تائين اين پي ڪي ڀاڻ 15:15:15 وارو 50 گرام في ٻوٽو هر سال آگسٽ ۽ سيپٽمبر وارن مهينن ۾ ٻوٽن جي پاڙن واري جڳھ تي ڏنو وڃي تہ بهتر آهي.

**گندگاهہ جي صفائي:** پوکي جي پهرين سال ٽئي دفعا گندگاهہ کي ختم ڪجي ٻئين سال بہ دفعا ۽ ٽئين سال وري هڪ دفعي گندگاهہ جو خاتمو ڪجي.

**ٻوٽن کي پاڻي ڏيڻ:** ساڳوان جي ٻوٽن کي گهڻو پاڻي نہ ڏيڻ گهرجي ساوڻ جي موسم ۾ پاڻي نہ ڏجي تہ بهتر آهي باقي ضرورت مطابق پاڻي ڏجي.

**ساڳوان جي وڻ تي نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين جو حملو ۽ بچاءُ:** هن وڻ تي (ليف ڊيفولئٽر) يعني پنن کي چاٽڻ وارو ڪينئين جو حملو تمام گهڻو ٿيندو آهي ڪلورو پائريفاس جو ڦوهارو زرعي ماهرن جي مشورن تي ڪرڻ گهرجي تہ بهتر نتيجا ملندا.

**بيماريون ۽ ان کان بچائڻ:** فنگي واريون بيماريون روٽ راٽ پائوڊري ۽ گلابي بيماري لڳندي آهي ان جو تدارڪ ماهرن جي مشورن سان فنگي مار دوائن سان ڪري سگهجي ٿو.

نوٽ هن تحرير کي لکڻ ۾ ڪجھ حوالن کان مدد ملي.

## ڪجين جي آبادگارن لاءِ مشورو

ڊاڪٽر الله ڏنو شاهہ، هارٽيڪلچرسٽ، زرعي تحقيق ٽنڊوڄام

- سيپٽمبر جي مهيني جي پڇاڙيءَ تائين 50 سيڪڙو ڪجين جي باغن مان پاڻي نڪري چڪو آهي. باقي رهيل پاڻيءَ کي جلد نيڪال ڪرڻ گهرجي.
- وڌيڪ دير لاءِ پاڻي بيهڻ جي ڪري ڪجين جي وڻن کي نقصان جو انديشو آهي.
- جن ڪجين جي باغن مان پاڻي نڪري ويو آهي. اهي آبادگار باغن اندر گُڏ ڏڙ ڪن.
- وڻن مان سڪل پنن جي صفائي ڪن.
- ڏهہ سالن يا ان کان وڌيڪ عمر وارن باغن جي في وڻ کي اڍيءَ مڻ وٿاڻ جو سڙيل ڳريل ڀاڻ آڪٽوبر کان نومبر مهيني تائين ڏجي ۽ يوريا هڪ ڪلوگرام، فاسفورس هڪ ڪلوگرام ۽ پوٽاش هڪ ڪلوگرام في وڻ ڏجي.
- ڏهہ سال کان گهٽ عمر وارن وڻن کي ڀاڻ عمر جي حساب سان گهٽائي ڏجي.

Zinc deficiency in humans

# انسانن ۾ زنڪ جي کوٽ ۽ ان کي دور ڪرڻ جا طريقا

زوهيب الرحمان پڳهيو (ايگريڪلچر آفيسر سلطان آباد، ٽنڊوالهيار)

**انسانن لاءِ زنڪ جي اهميت:** زنڪ هڪ اهم غذائي عنصر آهي جيڪو سڀني جاندارن لاءِ ضروري آهي. زندگي جي سڀني عملن ۾ زنڪ جي آفاقي شموليت ان کي انساني صحت ۽ خوشحالي لاءِ ضروري بڻائي ٿي انسانن ۾ زنڪ ڪيترن ئي اهم جسماني عملن ۾ ملوث هوندو آهي. جيڪي زندگيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ضروري سمجهيا ويندا آهن. انسانن ۾ زنڪ انزائمز جي چالو ڪرڻ، سيل جي واڌ ۽ تقسيم، پروٽين جي ميٽابولزم، جسم جي واڌ، ڊي اين اي ٺهڻ ۽ پيدائش واري نظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. مختلف عمرن جي انسانن کي زنڪ جي مختلف مقدار جي ضرورت هوندي آهي ۽ انسانن کي صحتمند رکڻ لاءِ جسم کي ان جي فراهمي تمام ضروري آهي (ٽيبل 1). جيڪڏهن انساني جسم زنڪ جي گهربل سطح حاصل ڪرڻ کان قاصر آهي ته اهي مختلف صحت جي پيچيدگين کي ظاهر ڪن ٿا جن ۾ خراب ترقي، گهٽ ذهني صحت، ياداشت جي نقصان، وار جي نقصان، ذيابيطس، ٽڪڻ ۽ خراب حمل جا نتيجا شامل آهن. زنڪ جي کوٽ خاص طور تي ٻارن ۽ عورتن کي تمام گهڻو متاثر ڪري ٿي. 5 سالن تائين جي ٻارن ۾ زنڪ جي گهٽتائي تمام گهڻي ٿئي ٿي جنهن ڪري انهن جو قد ننڍو، وزن گهٽ ۽ ذهني صحت خراب هوندي آهي. جڏهن ته عورتن ۾ زنڪ جي گهٽتائي حمل جي دوران ٽيڙ جو امڪان وڌيڪ هوندو آهي ۽ جيڪڏهن اضافي خيال نه رکيو ويو ته اهو اسقاط حمل ۽ خراب پيدائشي نتيجن جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

| عمر | مرد | عورت |
|---|---|---|
| 7-12مهينا | 3ملي گرام | 3ملي گرام |
| 1-3سال | 3ملي گرام | 3ملي گرام |
| 4-8سال | 5ملي گرام | 5ملي گرام |
| 9-13سال | 8ملي گرام | 8ملي گرام |
| 14-18سال | 11ملي گرام | 9ملي گرام |
| 19+سال | 11ملي گرام | 8ملي گرام |

مختلف عمر جي انسانن جي روزاني زنڪ جي ضرورت. (ذريعو: نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هيلٿUSA)

**انسانن ۾ زنڪ جي گهٽتائي جا سبب:** انسانن ۾ زنڪ جي گهٽتائي جو سڌو واسطو سندن کاڌي پيئڻ جي عادتن ۽ خوراڪ جي دستيابي سان آهي. ٻوٽن تي ٻڌل خوراڪ تي گهڻو انحصار ۽ گهٽ زنڪ جي غذا استعمال ڪرڻ، زنڪ جي گهٽتائي جا ٻه وڏا سبب سمجهيا وڃن ٿا. جنهن جي ڪري زنڪ جي کوٽ جي شدت هيٺين ۽ وچين آمدني وارن ملڪن ۾ وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي جتي ماڻهو يا ته بک مرن ٿا يا رڳو ٻوٽن تي ٻڌل غذا کائي سگهن ٿا. عام طور تي اُهي ماڻهو جيڪي گهڻو ڪري اناج جهڙوڪ: ڪڻڪ ۽ چانورن تي پاڙين ٿا انهن ۾ زنڪ جي گهٽتائي هوندي آهي. چاڪاڻ ته اناج جي فصلن ۾ زنڪ جو مقدار گهٽ هوندو آهي چاڪاڻ ته اهي فصل گهڻو ڪري زنڪ جي کوٽ واري زمين ۾ پوکيا ويندا آهن ۽ انهن فصلن ۾ اضافي زنڪ ڀاڻ استعمال نه ڪئي ويندي آهي جنهن ڪري انهن ۾ زنڪ جي مقدار گهٽ هوندي آهي. اناج جي فصلن ۾ ٻه اهڙن مرڪبن جهڙوڪ فائيٽيٽ جو مقدار گهڻو هوندو آهي جيڪو انساني جسم ۾ زنڪ جي جذب کي محدود ڪري ٿو. جڏهن ته اهي ماڻهو جيڪي گوشت، ڀاڄيون ۽ اناج سميت ڪيترن ئي غذائن جو استعمال ڪن ٿا، انهن ۾ زنڪ جي گهٽتائي جا امڪان گهٽ هوندا آهن.

**انسانن ۾ زنڪ جي گهٽتائي کي ڪيئن درست ڪري سگهجي ٿو؟:** زنڪ جي گهٽتائي کي مختلف طريقن سان درست ڪري سگهجي ٿو جن مان دوائن جو استعمال، غذائي تنوع ۽ بايوفورٽيفڪيشن نمايان آهن .طبي ماهرن ڪيترين ئي دوائون تيار ڪيون آهن جيڪي انسانن ۾ زنڪ جي گهٽتائي جو بار گهٽائي سگهن ٿيون. مارڪيٽ ۾ مختلف قسم جون دوائون، ڪيپسول ۽ شربت موجود آهن جن کي زنڪ سپليمينٽ طور وٺي سگهجي ٿو. هي هڪ انتهائي ورسٽائل ۽ تڪڙو آپشن آهي پر دوائن جي اعليٰ قيمت جي ڪري هي اختيار اجا تائين غريب آبادي جي پهچ کان پري آهي.

غذائي تنوع جو مطلب آهي غذا ۾ مختلف کاڌي جي شين کي شامل ڪرڻ. گهڻو ڪري ڪيترائي ماڻهو هڪڙي ئي غذا جي معمول تي عمل ڪن ٿا ۽ محدود قسم جا کاڌا کائيندا آهن. تنهنڪري هن عمل ۾ شامل آهي انهن سڀني کاڌي جي شين جو استعمال جنهن ۾ گوشت، مڇي، بيضا، دال، ڀاڄيون، اناج، ميوا ۽ خشڪ ميوا شامل آهن جن ۾ زنڪ جي وڏي مقدار موجود هوندي آهي. دوائن وانگر، هي اختيار پڻ معاشي ۽ مذهبي مسئلن جي

ڪري ڪيترين ئي آبادي ڪان پري آهي. مهانگائي وڌڻ سبب ماڻهو گوشت ۽ ميون جون ٻيون شيون خريد نہ ٿا ڪري سگهن. جڏهن تہ ڪجھ مذهبن ۾ گوشت ۽ جانورن تي ٻڌل ڪاڌي جي شين جو استعمال حرام آهي ان ڪري مالدار هجڻ جي باوجود اهي زنڪ جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ اهو طريقو اختيار نٿا ڪري سگهن.

بايوفورٽيفڪيشن هڪ اهڙو عمل آهي جنهن ۾ زرعي طريقن جي ذريعي فصلن جي کوردني حصن ۾ غذائي جزن کي بهتر ڪيو ويندو آهي. انسانن ۾ غذائيت جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ اهو هڪ ممڪن، تکڙو ۽ اثرائتو طريقو سمجهيو ويندو آهي، خاص طور تي انهن لاءِ جن کي ٻين طريقن تائين محدود رسائي هوندي. بنيادي خوراڪ جي فصلن جي بايوفورٽيفڪيشن جينياتي يا ايگرانامڪ طريقن سان حاصل ڪري سگهجي ٿي. جينياتي بايوفورٽيفڪيشن هڪ اهڙو عمل آهي جنهن ۾ اهڙيون جنسون ٺاهيون وينديون آهن جن ۾ مٽيءَ مان زنڪ کڻڻ جي اعليٰ صلاحيت هوندي آهي ۽ اناج جي حصن ۾ زنڪ جي وڌ ۾ وڌ مقدار موجود هوندي آهي. هي هڪ تمام ٽيڪنيڪل عمل آهي جنهن ۾ جينياتي ۽ بايو ٽيڪنالاجي جي لحاظ کان تمام گهڻيون سهولتون گهربل آهن. جن ملڪن ۾ بايو ٽيڪنالاجيءَ جو شعبو انتهائي ترقي يافتہ آهي، اتي جينياتي بائيو فورٽيفڪيشن تي ڪافي ڪم ڪيو پيو وڃي. جينياتي بايوفورٽيفڪيشن جي مقابلي ۾، ايگرانامڪ بايوفورٽيفڪيشن هڪ آسان طريقو آهي ۽ هارين جي زمينن تي آساني سان ترتيب ڏئي سگهجي ٿو. هن ٽيڪنڪ ۾ زنڪ ڀاڻ کي مختلف طريقن ذريعي مختلف مقدارن ۾ فصلن جي مختلف مرحلن تي لاڳو ڪيو ويندو آهي ۽ اهو طئي ڪيو ويندو آهي تہ ڪهڙي مقدار، طريقو ۽ اسٽيج فصلن جي کوردني حصن ۾ وڌيڪ زنڪ حاصل ڪرڻ لاءِ بهتر آهي. زنڪ فصلن کي مٽي ذريعي يا ڦوهاري ذريعي فراهم ڪري سگهجي ٿو. جيئن تہ پاڪستان جي زمينن جون حالتون ٻوٽن جي زنڪ کڻڻ لاءِ مناسب نہ آهن ان ڪري زنڪ جي بهتر مقدار حاصل ڪرڻ لاءِ زنڪ ڦوهاري جي طريقي سان ڏنو وڃي. انسانن ۾ زنڪ جي گهٽتائي کي اناج جي پوک ۾ ايگرانامڪ بايوفورٽيفڪيشن کي اپنائڻ سان ڪافي حد تائين درست ڪري سگهجي ٿو. اناج جي پوک ۾ زنڪ ڀاڻ جو استعمال نہ رڳو اناج جي غذائي حالت کي بهتر بڻائي ٿو پر ان جي نتيجي ۾ وڌيڪ پيداوار پڻ حاصل ٿئي ٿي.

## پاڪستان ۾ بايوفورٽيفڪيشن تي ٿيندڙ تحقيق :

پاڪستان ۾ بائيوفورٽيفڪيشن جي حوالي سان ڪيترين ئي تحقيقن تي ڪم ڪيو پيو وڃي جتي سائنسدان انسانن ۾ زنڪ جي کوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ بهترين حڪمت عمليون طئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جينياتي بائيو فورٽيفڪيشن ذريعي پاڪستان ۾ 2016ع ۾ ڪڻڪ جي هڪ جنس ”زنڪول“کي متعارف ڪرايو ويو. هي جنس مٽيءَ مان وڌيڪ زنڪ کڻڻ جي صلاحيت رکي ٿي ۽ ان جي اناج ۾ زنڪ جي مقدار ٻين جنسن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. پاڪستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ هن جنس جي پوک ٽرائل بنيادن تي ڪئي وڃي ٿي پر سنڌ ۾ اها هارين ۾ ايترو مقبول ناهي. سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جا سائنسدان ۽ شاگرد پڻ ان حوالي سان ڪم ڪري رهيا آهن جتي اهي ڪڻڪ ۽ چانورن جي فصلن ۾ زنڪ ۽ آئرن جي ايگرانامڪ بائيو فورٽيڪيشن تي ڪم ڪري رهيا آهن. مون پڻ ماسٽر ريسرچ دوران چانورن ۾ ايگرانامڪ زنڪ بائيو فورٽيفڪيشن تي ڊاڪٽر سليم مسيح ڀٽي جي نگرانيءَ ۾ ڪم ڪيو. ان ريسرچ ۾ چانورن ۾ زنڪ فرٽيلائيزيشن جو بهترين طريقو ۽ اسٽيج جو تعين ڪيو ويو تہ جيئن چانورن ۾ وڌ کان وڌ زنڪ ڪنسنٽريشن ۽ حياتياتي دستيابي کي يقيني بڻائي سگهجي. تحقيق جي نتيجن مان ثابت ٿيو تہ ڦوهاري ذريعي زنڪ سپلاءِ ڪرڻ سان چانورن جي وڌيڪ پيداوار، چانورن ۾ وڌيڪ زنڪ ڪنسنٽريشن ۽ حياتياتي دستيابي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

**هارين لاءِ تجويزون:** هارين کي صلاح ڏني وڃي ٿي تہ هو زراعت ۾ زنڪ ڀاڻ استعمال ڪن ۽ انهن کي گهرجي تہ هو فصل جي پيداوار ۾ زنڪ جي استعمال جو مثالي طريقو ڳولڻ جي ڪوشش پڻ ڪن تہ جيئن هو پنهنجي پيداوار ۾ بهتري آڻي پنهنجي فصلن کي غذائيت بخش بڻائي سگهن. خاص طور تي اهي هاري جيڪي پنهنجي خوراڪ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ زراعت ڪن ٿا انهن کي گهرجي تہ پنهنجي فصل جي پوک ۾ زنڪ استعمال ڪن. اهو نہ صرف انهن جي صحت کي بهتر بڻائيندو پر انهن جي طبي خرچن کي بہ گهٽائيندو. سائنسدانن ۽ محققن کي گهرجي تہ زنڪ جي حوالي سان بهترين جنسن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ تجربا ڪن ۽ سڀني فصلن جي اهڙي مثالي جنسن جي سفارش ڪن جيڪي وڌيڪ زنڪ کڻڻ جي صلاحيت رکن ۽ جن ۾ کاڌ خوراڪ جي حصن ۾ زنڪ جي مقدار وڌيڪ هجي حڪومت کي گهرجي تہ زنڪ جي کوٽ جي مسئلي تي ضابطو آڻڻ لاءِ مناسب قدم کڻي ۽ زنڪ ڀاڻ جي استعمال کي فروغ ڏئي ۽ ان لاءِ زراعت ۾ زنڪ ڀاڻ تي هارين کي سبسڊي پڻ فراهم ڪئي وڃي. جن فصلن ۾ زنڪ جي مقدار وڌيڪ هجي انهن جو اگهہ بہ عام فصل کان وڌيڪ هئڻ گهرجي. اهو هارين کي فصل جي پوکيءَ ۾ زنڪ استعمال ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪندو جنهن سان پاڪستان جي آباديءَ ۾ وڏي پيماني تي زنڪ جي کوٽ کي گهٽائڻ ۾ مدد ملندي.

Agriculture of riverine belt & kacho after rains / floods

# برسات ۽ ٻوڏ کانپوءِ ڪچي ۽ ڪاچي جي زراعت

تحرير: شاهنواز پنهور، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ۽ دين محمد بلوچ، ڊپٽي ڊائريڪٽر (هيڊڪوارٽر) زرعي توسيع دادو

سانوڻي جي برسات ۽ ٻوڏ جي نتيجي ۾ دادو ضلعو سڄي سنڌ ۾ متاثر ترين ضلعو رهيو آهي جتي جي زراعت تقريبن 90 سيڪڙو تباهه ٿي آهي. ضلع جو اڌ کان مٿي پوکي وارو علائقو اجان به پاڻيءَ هيٺ آهي. آبادگار اِن انتظار ۾ آهن ته پاڻي نڪري ته جيئن هو چيٽ جو فصل ڪري سگهن. سٺي ڳالهه اها آهي ته ڪچي ۽ ڪاچي مان پاڻي گهٽ ٿي رهيو آهي ۽ مٿاهين وارا علائقا پاڻي مان نڪرندا پيا اچن. ان لاءِ اتان جي آبادگارن کي چيٽ جو فصل پوکڻ لاءِ ڪجهه صلاحون ڏجن ٿيون.

**ڪڻڪ:** ڪاچي ۾ ربيع کي مدِنظر رکي ڪڻڪ جي پوکي



ڪرڻ گهرجي. ڪڻڪ جي پوکي 15 آڪٽوبر کان 20 ڊسمبر تائين ڪري سگهجي ٿي ۽ آسپاس هيٺين تراين ۾ ۽ ايف پي بند جي مٿان جتي اجا تائين پاڻي وهي ٿو انهن علائقن ۾ پاڻي لهڻ جي صورت ۾ ڪڻڪ بوسي ڪري سگهجي ٿي. ان لاءِ ٿوري وقت ۾ پچندڙ جنسون (Late varieties) جهڙوڪ: ٽي جي-83، ڪرن وغيره پوکڻ گهرجن.

**ٻج جو مقدار:** ٻج 50 ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪرڻ گهرجي. ڪاچي يا ٻئراجي علائقن ۾ ٻوڏ مان دير نڪرندڙ زمينن ۾ بغير هر ڦار جي ڪُر يا گهڙٻي طريقي سان ڪڻڪ پوکڻ گهرجي.

**چڻا:** ڪچي ۾ درياهه جو پاڻي لهي رهيو آهي ان لاءِ آبادگارن کي گهرجي ته آڪٽوبر ۾ سرنهن ۽ چڻن جي پوکيءَ شروع ڪئي وڃي. چڻن جي پوکيءَ جو صحيح وقت 15 آڪٽوبر کان 15 نومبر آهي. چر چڻن جي پوکي پهرين آڪٽوبر کان ڊسمبر جي پهرين هفتي تائين ڪري سگهجي ٿي. هي فصل ناڙي يا چٽ ذريعي پوکيو وڃي. ناڙي وارو فصل وڌيڪ پيداوار ڏيئي ٿو.

**جنسون:** ڏوڪري چڻا-89، ڏوڪري چڻا-92، چولا وغيره اهم جنسون آهن.

**ڀاڻ:** هن فصل ۾ هڪ ٻوري فاسفورس ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ وقت استعمال ڪرڻ گهرجي. هن فصل مان پليءَ ٻه يا ٽي دفعا پَٽ ڪجي، تازي پَلي مارڪيٽ موڪلي سٺو اگهه حاصل ڪجي.

**جوئر:** آبادگار پائرن کي صلاح ٿي ڏجي ته ڪاچي ۾ جتي جتي پاڻي لهي ويو هجي ته ان علائقن ۾ جوئر جي پوک دير ۾ دير آڪٽوبر تائين ڪرڻ گهرجي. جنهن لاءِ لوڪل جنسون اچوتري ۽ چوٽ ڇُهچ پوکين ته جيئن گاهه سان گڏ اَن به ڪري سگهن ان لاءِ ٻج 15 کان 20 ڪلوگرام في ايڪڙ ڏنو وڃي.

**سرنهن:** آبادگار 15 سيپٽمبر کانپوءِ سرنهن جي پوک شروع ڪن يا سرنهن ۽ چانهو يا سرنهن ۽ جوئر جي گڏيل پوک به ڪري سگهجي ٿي.

**جنسون:** گاج سرنهن ايس-9، ايس-95 ۽ پروجيني-8 وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ جنسون آهن.

**ڏاٽا:** گاجي شاهه، چني، ٽنڊو رحيم خان وارن علائقن ۾ ڏاٽن جو فصل وڏي ايراضي تي پوکيو وڃي ٿو. هن فصل جي پوک 15 سيپٽمبر کان ڊسمبر تائين ڪري سگهجي ٿي. جيئن ته هي فصل ان لاءِ پوکيو وڃي ٿو. پوکيءَ وقت زمين وٽ ۾ اچي ته ٻج چٽي هر ڏيئي سانهر گهمائجي ۽ ٻج کي پوکڻ کان اڳ پيجي به اڌ ڪجي نه ته ڦوتهڙو سٺو نه ٿيندو. ڏاٽن جي پوک لاءِ 6 ڪلوگرام

۾ ايڪڙ استعمال ڪجي. جيئن ته گاجي شاهه ۽ ان جي آسپاس واهي وارو پاڻي سڄو سال هلي ٿو جيڪڏهن ضرورت آهر هڪ به پاڻي ميسر ٿي سگهن ته پيداوار ڪافي بهتر ايندي خاص طور تي گُل ڀاڻي وقت پاڻي ڏيڻ ضروري آهي. ياد رهي ته ڊاٽن جو فصل هڪ وقت نٿو پچي جيئن جيئن ڇُڳا پچندا وڃن ته انهن جو لاباروڪرڻ گُهرجي ۽ ڇانوَ ۾ سڪائڻ گهرجي.

**ٽيوب ويل تي ٽينڊڙ فصل:**

**بصر (Onion):** جن آبادگارن وٽ ٽيوب ويل جي سهولت آهي



اهي سيپٽمبر آڪٽوبر ۾ بصرن جو رونبو ڪن. جيئن ته بصرن جو بيجارو هالا، مٽياري ۽ سانگهڙ ضلعي جي مختلف علائقن مان خريد ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته ايم اين وِي ڊرين کان جوهي تائين ٻيڙيون هلن ٿيون ۽ زميني رستو ڪونهي ان لاءِ انهن کي ڪرائي جو اضافي خرچ برداشت ڪرڻو پوندو ان لاءِ آبادگارن کي صلاح ٿي ڏجي ته پنهنجو تيار ٿيل بيجارو آڪٽوبر ۾ رونبو ڪن ته جيئن وڌيڪ خرچن کان بچي سگهجي. علائقي جي لحاظ کان ڦلڪارا جنس وڌيڪ موزون آهي. چاڪاڻ ته هن ۾ وڌيڪ گرمي کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي.

**جنسون:** ڦلڪارا، ٽاٽو بولا خان، گهوٽڪي ۽ ديسي.

علائقي جي لحاظ کان ڦلڪارا جنس وڌيڪ موزون آهي. چاڪاڻ ته هن ۾ وڌيڪ گرمي کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت آهي ان جي ڪري ئي هن جنس جي پيداوار ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اچي ٿي. عام طور بصرن جي پوک ٻن طريقن سان ڪئي ويندي آهي. ٻيجاري وسيلي ۽ ڳنڍين وسيلي. هتي صرف ٻيجاري وسيلي پوک ڪئي وڃي ٿي. بصرن جي پوک آگسٽ کان سيپٽمبر تائين ڪجي. زمين کي هموار ڪري فصل پوکجي. ننڍا ننڍا ٻارا ٺاهي قطارن ۾ رونبو ڪجي. قطارن جي وچ ۾ اڍائي فوٽ ۽ ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو 4 انچ رکجي.

**ڪيميائي ڀاڻن جو استعمال:** ٻه ٻوريون ڊي اي پي، 2 ٻوريون پوٽاش پوکي وقت ڏيڻ گهرجن ۽ يوريا ڀاڻ ضرورت آهر ڏيڻ گهرجي. پوٽاش ڏيڻ سان ٻوٽي ۾ بيمارين خلاف قوت مدافعت وڌي ٿي. ڳنڍ جي سائز وڏي ٿئي ٿي، فصل جلدي پچي ٿو رنگت سٺي ٿئي ٿي ۽ رس جو مقدار وڌي ٿو.

بصر باز مال ڪوسو حاجي خان، هيرو خان، ڊگهه بالا، راڃو ڳنڍو ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ تمام وڏي ايراضي ۾ پوکيا وڃن ٿا. رونبو ڪرڻ مهل ٻيجاري کي ڪنهن فنجيسائيڊ جو ڳار ٺاهي ان ۾ هيٺيون حصو ٿوري دير لاءِ پسائي پوءِ رونبو ڪجي.

**ٽماٽو:** واهي پانڌي ۽ آس پاس وارن علائقن ۾ ٽماٽي جي پوک تمام وڏي ايراضي تي ڪئي وڃي ٿي.



آبادگارن کي صلاح آهي ته اڄڪلهه هائبرڊ جنسن جي پيداوار تمام سٺي اچي ٿي ان لاءِ انهن جي چونڊ ڪئي وڃي. ٽماٽو سڌو سنئون ٻج مان پوکيو وڃي ۽ آڪٽوبر مهيني ۾ پوکي ڪئي وڃي ڇاڪاڻ ته ڪاڇي ۾ آگسٽ-سيپٽمبر ۾ گهٽي گرمي هوندي آهي.

ٽماٽو ڪرين تي پوکڻ گهرجي ڪرين جو مفاصلو 8 فوٽ ۽ ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو 1 کان ڏيڍ فوٽ هجي.

**جنسون:** روما، پي لانگ، زيتوني، ايس آءِ-2 ۽ لوڪل جنس T-1359, TAI-14-6242, To-1057 وغيره ان کان علاوه ساحل هائبرڊ جنسون آهن.

واهي پانڊي ۾ اڄڪلهه گهڻي مقدار ۾ هائبرڊ جنسون پوکيون وڃن ٿيون. سڌو سنئون ٻج ذريعي پوکي ڪئي وڃي ٿي. گهاٽائي جي صورت ۾ ٻوٽا ڪٽي ٻئي هنڌ پڻ لڳايا وڃن ٿا. ٻيجاري تيار ڪرڻ جو رجحان تقريباً ختم ٿيندو پيو وڃي. پر ٻيجاري رستي ڪيل فصل وڌيڪ پيداوار ڏيئي ٿو.

گول ٽماٽي واري جنس جي ڀيٽ ۾ ڊگهن ٽماٽن واري جنس پوکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هي جنسون گول جنسن جي مقابلي ۾ گهڻو وقت رکي سگهجن ٿيون ۽ پري وارين مارڪيٽن ۾ آساني سان پهچائي سگهجي ٿو.

**پوکيءَ جو وقت:** جيئن ته آگسٽ سيپٽمبر ۾ ڪاڇي ۾ گرمي هوندي آهي ۽ ڪاڇي جي ريت / واري ڏينهن جو تمام گهڻي گرم ٿي ويندي آهي. ان لاءِ ٽماٽي جي پوک دير سان ڪئي وڃي. هتي ٽماٽو آڪٽوبر مهيني ۾ پوکيو وڃي ۽ ٽماٽو ڪرين تي پوکيو وڃي. ڪرين جو مفاصلو 6 کان 8 فوٽ ۽ ٻوٽي جي وچ وارو مفاصلو 1 کان 2 فوٽ رکڻ گهرجي. ٽماٽي جي پوک لاءِ ڪاڇي جي وارياسي زمين موزون آهي ۽ فصل تمام سٺو ٿيندو. جيڪڏهن ٻيجارو تيار ڪجي ته ٻيجاري لاءِ مٿاهين جڳهه تي ننڍيون ڀاريون 4x6 جون ٺاهجن. ليول ڪري مٿان خاڪ يا رک (ڇار) ڇٽي يا مٿان مٽي جو سنهو تهه چاڙهجي. ان ڪانپوءِ هٿ سان ٻج ڇٽي ۽ ڦوهاري سان پاڻي ڏجي. اڪثر آبادگار هاٺي واري ٻه وجهندا آهن. ڀارين کي سڪل ڪکن ڪانن سان ڍڪي ڇڏجي ۽ ٻج جي ڦٽڻ تائين ڦوهاري سان پاڻي ڏجي. مهيني ڏيڍ ۾ ٻيجارو روبني ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. روبني ڪرڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ ٻيجاري جو پاڻي بند ڪجي.

ٽماٽي جي پوک لاءِ 200 کان 300 گرام ٻج مان هڪ ايڪڙ جو ٻيجارو تيار ٿي ملي ٿو. هڪ ايڪڙ ۾ اٽڪل 7 کان 10 هزار ٻوٽن جي ضرورت پوي ٿي. ٽماٽي جي فصل کي پوکيءَ وقت ڊي اي پي هڪ کان ٻه ٻوريون ۽ سلفيٽ آف پوٽاش (SOP) هڪ کان ٻه ٻوريون ڏيڻ گهرجن. ان ڪانپوءِ يوريا ڀاڻ ضرورت آهر مرحليوار ڏيڻ گهرجي. فصل مان گندگاهه جو يقيني خاتمو ڪجي، گُڏ ڪري پاڙن ۾ مٽي چاڙهجي. اڪثر آبادگار ڀاڻن جو ۽ دوائن جو بيجا استعمال ڪندا آهن جنهن سان فصلن تي مختلف قسمن جا جيت حملي آور ٿين ٿا ۽ نقصان جو باعث بڻجن ٿا.

اڪثر اهو ڏٺو ويو آهي ته شروعاتي مرحلي ۾ اڇي مک تي ضابطو نه ڪرڻ جي صورت ۾ ٽماٽي کي پن مروڙ وائرس لڳي وڃي ٿو. جيڪو آبادگار لاءِ وڌيڪ پريشاني جو سبب بڻجي ٿو. تنهنڪري حد جي زرعي ڪارڪن سان رابطي ۾ رهجي ۽ بروقت جيت جي شناخت ڪرائي ۽ انهيءَ مطابق زهر جو استعمال ڪجي.

**مرچ (Chilies):** مرچن جي فصل لاءِ گرم ۽ خشڪ آبهوا



وڌيڪ موزون آهي. هي فصل ٿڌ جو نازڪ ٿئي ٿو. هي فصل حاجي خان، هيرو خان، ڏکڻ ۽ خاص طور تي واهي پانڊي ۾ تمام جهجهي ايراضي تي پوکيو وڃي ٿو.

**ٻيجارو:** آبادگار مرچن جو ٻج چونڊي رکن ۽ ان مان ٻيجارو تيار ڪن. 4x6 جون ڀاريون ٺاهي، خاڪ يا واري وجهي ٻج هٿ سان ڇٽي مٿان اڌ انچ مٽي جو تهه ڏيئي ڦوهاري سان پاڻي ڏجي. ٻيجاري جي ڀاري مٿانهين جاءِ تي هجي. مهيني کان ڏيڍ مهيني ۾ روبني جي لائق ٿي وڃي ٿو.

**جنسون:** مرچن جون هيٺيون جنسون پوکيو وڃن.

1. لونگي، 2. گهوٽڪي، 3. تلهاري، 4. صنم ۽ سجاولي.

ڪاڇي ۾ خاص طور تي تلهاري ۽ گهوٽڪي جنسون پوکيون وڃن ٿيون. هنن جنس جون مرچون سائي حالت ۾ استعمال ٿينديون آهن. اڌ ڪان هڪ ڪلوگرام ٻج مان هڪ ايڪڙ پوکڻ لاءِ ٻيجارو ملي ٿو.

روبنو ڪرڻ مهل ٻيجاري کي ڪنهن فنجيسائيڊ جي ڳار ۾ پسائي پوءِ روبنو ڪرڻ گهرجي.

Barely cultivation

# جَوَن جي پوک

ڊاڪٽر شمس الدين تنيو

جَوَ ربيع جي موسم وارو اناج ۽ گاھ جو فصل آھي. جَوَن جي فصل جو اناج يا ٻج سڌيءَ طرح خوراڪ ۾ نٿو واپرايو وڃي. پر ان مان صنعتن ۾ ڊبل روٽي، ماني ۽ جَوَن جي ڪش لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ٻئي طرف جَوَ گھوڙن ۽ پکين کي چوڻي طور کارايا وڃن ٿا. ڪجھ ملڪن ۾ جَوَ سائي گاھ طور پوکيا وڃن ٿا، جيڪي چاري لاءِ سڌيءَ طرح سائي حالت ۾ ڪم آندا وڃن ٿا.

**آبھوا:** جَوَ سياري يا ربيع جي موسم وارو فصل آھي. ھي فصل ڪڻڪ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ خشڪي برداشت ڪندڙ آھي. ھن فصل لاءِ گھٽ ۾ گھٽ بارش جي گھرج پوي ٿي. جَوَن جو ٻج ڦوٽھڙي واسطي ڪڻڪ جي ڀيٽ ۾ گھٽ وَتَ يا آلاڻ جي ضرورت ڏيکاري ٿو ۽ ان ۾ واڌ جي صلاحيت وڌيڪ آھي. سنڌ ۾ جَوَ بوسي يا دوباري فصل طور پڻ پوکيو وڃي ٿو.

**زمين:** جَوَ ھر قسم جي زمين تي ٿي سگھن ٿا، پر چيڪي کان لٽاسي وارياسي زمين بھتر آھي. ڪڻڪ جي پوکيءَ لاءِ ڪم ايندڙ زمينون، جنھن ۾ سٺي نيڪال واريون لٽاسيون ۽ چيڪيون لٽياسيون زمينون بھتر آھن. عام طرح جَوَن جي پوکيءَ جو تعلق گھٽ زرخيز زمين سان آھي. جَوَ لوڻ يا ڪلر برداشت ڪندڙ فصل آھي، جيڪو ڦوٽھڙي ۽ واڌ وارن مرحلن دوران لوڻ برداشت جي قوت رکي ٿو. تنھنڪري جَوَ ڪلر وارين زمينن ۾ ڪاميابيءَ سان پوکي سگھجن ٿا. اھوئي سبب آھي جو ساريال جي علائقي جا آبادگار جَوَن جي پوک ۾ گھڻي دلچسپي رکن ٿا. جَوَ خشڪي روڪيندڙ فصل جي حيثيت سان دوباري فصل طور، سارين جي پوک بعد ساڱي وَتَ يا آلاڻ تي پوکيا وڃن ٿا. اھڙي صورت ۾ جَوَن جي پيداوار ڪڻڪ کان بھتر ملي ٿي.

**زمين جي تياري:** ھن فصل مان گاھ ۽ اناج جي وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ زمين جي تياري وڏي اھميت رکي ٿي. جَوَن لاءِ



زمين جي تياريءَ واسطي 2 کان 3 ھَرَ ڏيئي پتر پيچجن ۽ گندگاھ ختم ڪجي. ھَرَ ڏيڻ بعد زمين کي ھموار ڪجي ته جيئن ٻج، پاڻ ۽ پاڻي ڏيڻ ۾ آساني ٿئي.

**پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:**

عام طور سنڌ ۾ جَوَن جي پوک نومبر مھيني ۾ ڪئي ويندي آھي. ڏکڻ سنڌ ۾ جَوَن جي فصل جي پوک 15 آڪٽوبر کان 30 نومبر تائين ڪرڻ گھرجي. جڏھن ته وچولي ۽ اتر سنڌ ۾ پوکي پھرين نومبر کان 10 ڊسمبر تائين ڪئي وڃي.

جَوَن جي پوک ناڙي ۽ ڇٽ ذريعي ڪئي وڃي ٿي. جڏھن ته ناڙي ذريعي پوک مان وڌيڪ پيداوار ملي ٿي. ساريال جي علائقي ۾ جَوَن جي پوک ڇَٽَ ذريعي ڪئي ويندي آھي.

# Organic mulch technology

# فصلن لاءِ نامياتي ڍڪ (ملچ) جي حڪمت عملي

ترجمو: واحد بخش هنگورجو، ايگريڪلچر آفيسر ٽنڊو محمد خان

ڪنهن به مناسب نامياتي ڍڪ جي چونڊ ڪري جيئن ته فصلن جي بچڻ، گاهه، ڪٽڪ جو ٻهه، ڪٽڪ جي ناڙي، سارين جو پراڙ وٽن جا پن يا ڪنهن مرڪب وغيره جي گهٽ کان گهٽ به کان ٽي انچ موٽي تهه زمين تي وڇايو. مثال طور اگر توهان ڪپهه جي نامياتي ڍڪ ڪرڻ چاهيو ٿا ته جڏهن ڪپهه جا ٻوٽا زمين مان نڪري اچن ته ان وقت توهان ڪپهه جو نامياتي ڍڪ ڪيو. دنيا ۾ تيزي سان وڌندڙ صنعت ڪاري ۽ آبادي جي نتيجي ۾ گذريل ڪيئن سالن کان عالمي گرمي پد ۾



اضافو ٿي رهيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ دنيا جي ماحولياتي نظام ۾ بگاڙ اچي رهيو آهي. هن وقت دنيا جا ڪيترائي ملڪ آهن جنهن ۾ پاڪستان به شديد پاڻي جي ڪوٽ واري ملڪن ۾ شامل آهي. پاڪستان ۾ زرعي استعمال جي لاءِ پاڻي جي ڏينهون ڏينهن گهٽتائي اچي رهي آهي. گذريل ڪجهه سالن کان ملڪ جي ڪيترن ئي حصن ۾ زير زمين ۾ پاڻي جو مقدار ڪافي حد تائين هيٺ اچي ويو آهي. جڏهن ته پاڻي جو سٺي طريقي سان استعمال سڀ کان پهرين هئڻ گهرجي. زرعي فصلن جي پيداوار جي صلاحيت کي وڌائڻ لاءِ هڪ طريقي جي ضرورت آهي يعني زمين ۾ نمي کي ڪيئن بچايو وڃي ۽ پنهنجي فصلن ۽ ٻوٽن کي ڪيئن سنڀاليو وڃي.

**زمين ۾ غذائي اجزا ڪيئن شامل ڪيا وڃن:** هن نئين ماحول ۾ زرعي طريقن ۾ زمين جو ڍڪ ڪرڻ هڪ بهترين طريقو آهي جنهن جي ذريعي هنن مقصدن کي حاصل ڪري سگهجي ٿو. زمين کي ڪنهن به شيءِ سان ڍڪڻ جي عمل کي ملچنگ چوندا آهن. زمين کي قدرتي شيون جيئن گاهه، سارين جو پراڙ ڪٽڪ جو ٻهه وغيره سان ڍڪي ڇڏيندا آهن جيڪو وقت گذرڻ سان سڙي ڳري مٽي ۾ شامل ٿي ويندا آهن. ان کي آرگينڪ ڍڪ چيو ويندو آهي. ڍڪ زمين جي پيداوار کي بهتر ڪرڻ ۽ فصلن جي واڌويجهه جي لاءِ نهايت سازگار حالات پيدا ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي. آرگينڪ ڍڪ پاڻي جي بخارات کي گهٽ ڪرڻ، نمي کي بچائڻ، زمين جي گرمي پد کي سنڀالڻ، جڙين ٻوٽين جي نسل ڪشي کي گهٽائڻ ۽ زمين کي خوردبيني جيتن، جاندارن کان بچائي ان جي پوک جي واڌ ويجهه ۾ اضافو ڪندو آهي. ڍڪ ٻوٽن کي موسم جي سختي کان بچائي ٿي. چاڪاڻ ته هي هڪ انسوليٽر وانگر ڪم ڪندي آهي، جيڪا گرمين ۾ گرمي پد کي گهٽ ۽ سياري ۾ وڌيڪ رکي ٿو.

تجربن مان ثابت ٿيو آهي ته ڍڪ جي عمل پاڻي جي برقراري ۾ اضافو ڪيو آهي، پاڻي جي بخارات کي ختم ڪيو آهي ۽ پيداوار ۾ به اضافو ڪيو آهي.

# سنڌ ۾ پيل چوماسي جي مينهن جي نقصان جو لڳايل ڪاٿو

(تحرير ۽ ترتيب: علي نواز چنڙ ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل ۽ غلام مصطفيٰ نانگراج ڊائريڪٽر زرعي اطلاعات سنڌ)

سنڌ ۾ چوماسي جا مينهن هر سال پوندا آهن ، جن جو سراسري مقدار 109.5 ملي ميٽر رهيو آهي. پر هن سال جولاءِ کان وٺي هيل تائين 680.5 ملي ميٽر مينهن پيو آهي، جيڪو عام مروج ساليانى مينهن جي مقابلي ۾ 522 سيڪڙو وڌيڪ آهي. اهڙي طرح هن سال جو مينهن 1961ع کان وٺي هيل تائين جو سڀ کان وڏو مينهن رڪارڊ ٿيو آهي. هن کان پهرين هڪڙو بيو وڏو مينهن سال 1992ع جو هيو. جنهن ۾ 502.6 ملي ميٽر مينهن پيو هيو. جنهن کي سال 1961ع کان وٺي عام ساليانى پونڊڙ مينهن جي مقابلي ۾ 276 سيڪڙو وڌيڪ چيو ويو هو.

هن سال 2022 جا شديد مينهن جون جي آخري هفتي کان آگسٽ جي آخري هفتي تائين پيا ۽ سيپٽيمبر جي 12 ۽ 13 تاريخ تي پڻ سنڌ جي ڪجهه ضلعن ۾ مينهن پيو.

مينهن جي ڪري فصلن جي ٿيل نقصان جي ڪاٿي لڳائڻ ۽ آبادگارن جي ممڪن حد تائين سهائتا ڪرڻ لاءِ زرعي توسيعي شعبي ، زراعت کاتي سنڌ پاران ابتدا ۾ ئي سروي وارو ڪم شروع ڪيو ويو ۽ مختلف مرحلن مان گذرندي اجان بہ جاري آهي تہ جيئن حقيقي انگ اکر جمع ڪندي آبادگارن جي ربيع واري فصل جي لاءِ ڪا سهائتا ٿي سگهي.

30 سيپٽمبر 2022 تائين جي لڳايل ڪاٿي موجب سنڌ ۾ خريف جي فصلن جو **421,238.30** ملين **(421.238** بلين**)** ارب روپين جو نقصان ٿيو آهي. مجموعي طور تي **81.10** سيڪڙو خريف جي فصلن جو نقصان ٿيو آهي. جنهن جو فصلوار تفصيل هيٺين ريت آهي:

| نمبر | فصل | ڪل پوڪيل ايراضي (ايڪڙن ۾) | ڪل نقصان ( ايراضي ايڪڙ) % | نقصان (ملين روپين ۾) |
|---|---|---|---|---|
| 1 | وونئڻ | 1,467,579 | 1,467,579 **(100%)** | 205,461.06 |
| 2 | ڪجي يا ڪتل | 119,214 | 119,214 **(100%)** | 8344.98 |
| 3 | ڪمند | 729,582 | 300,215 **(41.15%)** | 22516.12 |
| 4 | ساريون | 1,487,900 | 1,171,700 **(78.72%)** بشمول بيجارو | 57,393.32 |
| 5 | تر | 32,085 | 20,691 **(64.49%)** | 22516.12 |
| 6 | پاڇيون | 56,287 | 51,284 **(88.64%)** | 4102.72 |
| 7 | ٽماٽا | 59,575 | 54,091 **(90.79%)** | 12116.38 |
| 8 | مرچ | 63,426 | 62,923 **(99.21%)** | 16511.00 |
| 9 | بصر | 151,229 | 132,201 **(87.42%)** | 31356.48 |
| 10 | ٻيا فصل (باغات، ڪيلا وغيره) | 280,911 | 227,334 **(75.00%)** | 40920.12 |
| ڪل | | 4,447,788ايڪڙ | **(3,607,232** ايڪڙ**)** سراسري نقصان جو سيڪڙو **81.10** | **421,238.30** ملين پاڪستاني رپيا **421.238** بلين پاڪستاني رپيا |

**تبصرو:**

1. سنڌ ڪابينا پاران ڪڻڪ جي امدادي قيمت 4000 رپيا في 40 ڪلوگرام مقرر ڪئي آهي.
2. آبادگارن کي ربيع جي پوکيءَ لاءِ ٻج ۽ ڊي اي پي ڀاڻ جي مدد ڏيڻ واري تجويز زير غور آهي.
3. سنڌ حڪومت پاران سڄي سنڌ کي آفت زده قرار ڏنو ويو آهي.
4. وونئڻ ۽ ڪجيءَ جي آبادگارن جو تمام گهڻو نقصان ٿيڻ جي نتيجي ۾ سندن فصلن جي قدر و قيمت جو 50 سيڪڙو نقد معاوضو ڏيڻ جي تجويز ڏني وئي آهي.
5. ٻين فصلن جي آبادگارن جي ٿيل نقصان جو معاوضو 50 سيڪڙو ٻج، ڀاڻ ۽ زرعي زهرن جي مد ۾ ڏيڻ جي تجويز بہ زير غور آهي.
6. مينهن جي متاثره علائقن جي آبادگارن کي خريف جي لاءِ زرعي قرض ڏيڻ ۽ قرض جو منافعو معاف ڪرڻ جي باري ۾ بہ سوچ ويچار ٿي رهي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ مينهن جي متاثره علائقن جي آبادگارن کي بغير وياج يا منافعي وارو آسان شرطن تي نئون قرض ڏنو وڃي.
7. پلاننگ ڪميشن پاڪستان، سنڌ حڪومت، اين ڊي ايم اي، پي ڊي ايم اي ۽ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ حڪومت سنڌ پاران جلد کان جلد زرعي شعبي جي بحالي ۽ آبادگارن جي سهائتا لاءِ مختلف منصوبن تي تيزيءَ سان ڪم ڪيو پيو وڃي.
8. آبادگارن جي فصلن جي ڪراپ انشوئرنس کي بہ متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ جيئن آبادگار محفوظ رهي سگهن. ان سان گڏ ڪڻڪ ، تيلي ٻجن وغيره لاءِ فري ٻج ۽ ڊي اي پي هڪ ٻوري ڀاڻ ڏيڻ جي تجويز ۽ پلان پڻ زير غور آهي. جيڪو ڪجهه ڏينهن ۾ عمل ۾ اچي ويندو.

ربيع جي پوکيءَ لاءِ رپورٽن مطابق 30 سيپٽمبر تائين سنڌ ۾ سراسري طور 50 سيڪڙو زمينون ربيع جي فصلن لاءِ مينهن يا ٻوڏ واري پاڻيءَ کان آجيون ٿي چڪيون آهن، جڏهن تہ پاڻيءَ جو نيڪال جاري آهي، تنهن ڪري اميد ٿي ڪجي تہ ربيع جي پوکي 75 کان 80 سيڪڙو تائين ٿي سگهندي.